اِنَّمَا اللّٰهُ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ (النساء- ١٧١)

# توحيد

ڪراچي

وحده لاشريڪ له اهو وهائج وِيُ (شاهہ)

سنڌ ۾ توحيد جي دعوت لاءِ فڪر ۽ عمل جون نيون راهون روشن ڪندڙ ماهوار ڪتابي سلسلو_18

سرپرست اعليٰ: مفسر قرآن
حڪيم الاسلام مفتي عبدالوهاب چاچڙ

**سرپرست**
پروفيسر سيد عباداللہ راشدي

**چيف ايڊيٽر**
محمد سليمان طاهر انڙ

**ايڊيٽر**
نور احمد ميمڻ

**مشاورتي بورڊ**
مفتي محمد صادق سومرو
عبدالستار عباسي
محمد انس راڄپر
محمد رفيق پرڳڙي
نديم احمد سولنگي

رمضان / شوال ١٤٣٢ھ مطابق آگسٽ / سيپٽمبر 2011 ع

## فهرست

| | | |
|---|---|---|
| حڪمت قرآن | ادارو | 2 |
| حڪمت رسول صلي اللہ عليہ وسلم | ادارو | 3 |
| تعليمات امام سنڌي رحمتہ اللہ عليہ | ادارو | 4 |
| اسماءَ اللہ الحسنيٰ | حضرت پير روضي ڌڻي | 5 |
| سچ جو سات ڏيو | چيف ايڊيٽر | 6 |
| اسلامي معاشري ۾ ڪمزورن جي حقن جو تحفظ | مولانا شعيب الرحمان کهڙو | 9 |
| روزي جا ڇهہ ادب | امام غزالي | 12 |
| مولانا عبيداللہ سنڌي بابت منهنجا ذاتي تاثرات | پروفيسر علي نواز جتوئي | 14 |
| مذهبي ٺيڪيدار ۽ اسلام جو اصل نصب العين | احمد دين راڄپر | 16 |
| وقت جي اهميت | مولانا عبدالسلام سومرو | 23 |
| اسلام آخري دين ڇو آهي؟ | غلام مرتضيٰ شر | 26 |
| دولت ۽ سرمائي بابت قرآن جو قانون | احمد الدين شر | 29 |

**سرڪيوليشن ۽ مواد لاءِ رابطي جي ايڊريس**
حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ،
6 سنڌي جماعت ڪو آپريٽو سوسائٽي، جوڳي موڙ بس اسٽاپ، نيشنل هاءِ وي
موبائل: 03002707097 فون: 021-35000278 ڪراچي 75030

قيمت =/15 رپيا. ساليانو ميمبر شپ پوسٽ خرچ سميت =/200

الله تعاليٰ جي توحيد ۽ معرفت ۽ سنت رسول ﷺ جو پيغام پنهنجي چوڌاري انسانن تائين پهچائڻ جي لاءِ ماهوار توحيد 100 پرچا 500 روپين جي وي پي سان گهرائي دعوتي مشن ۾ شامل ٿيو.

www.hikmatequran.org
e.mail: hikmatequran@gmail.com



# حڪمتِ قرآن

وَجَاهِدُوْا فِي اللّٰهِ حَقَّ جِهَادِهٖ ؕ هُوَ اجْتَبٰكُمْ ﴿الحج: ٧٨﴾

”الله تعاليٰ جي دين کي غالب ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪريو ۽ ان ڪوشش جو حق ادا ڪري ڇڏيو (يعني ڪو بہ پهلو ڪمزور نہ رهجي وڃي) ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ اوهان کي ان فرض جي پوري ڪرڻ لاءِ چونڊيو آهي.“

الله تعاليٰ سمورن پيغمبرن کي ”اقامت دين“ لاءِ منتخب فرمايو. جيئن تہ قرآن مجيد ۾ فرمايو ويو تہ: ”شَرَعَ لَكُمْ مِّنَ الدِّيْنِ مَا وَصّٰى بِهٖ نُوْحًا وَّالَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ وَمَا وَصَّيْنَا بِهٖٓ اِبْرٰهِيْمَ وَمُوْسٰى وَعِيْسٰٓى اَنْ اَقِيْمُوا الدِّيْنَ وَلَا تَتَفَرَّقُوْا فِيْهِ ؕ“ ﴿الشورىٰ: ١٣﴾. يعني الله تعاليٰ توهان لاءِ اهو ئي دين مقرر ڪيو آهي، جنهن جو حڪم هُن حضرت نوح عہ کي ڏنو هو، توکي بہ وحي ذريعي اهو حڪم ڏنو ويو آهي. اهو ئي حڪم حضرت ابراهيم عہ، حضرت موسيٰ عہ ۽ حضرت عيسيٰ عہ کي ڏنو هيو سون. اهو حڪم هي آهي تہ خدا جي دين تي قائم رهو ۽ ان کي غالب رکو. دين جي معاملي ۾ ڏڦيڙ ۽ انتشار هر گز پيدا نہ ڪريو. پوءِ سيني نبين سڳورن انهيءَ حڪم جي بجا آوري ڪندي معاشري ۾ دعوت ۽ تبليغ جو ڪم شروع ڪيو ۽ توحيد جي بنياد تي هڪ نظرياتي جماعت تيار ڪئي. ”انسان سازي“ پيغمبرن جو نصب العين رهيو آهي. خدا تعاليٰ جي چونڊيل آخري پيغمبر حضرت سيدنا محمد مصطفيٰ ﷺ جن جزيرة العرب ۾ هڪ اهڙي مقدس جماعت وجود ۾ آندي، جنهن دين حق جي تڪميل لاءِ ايمان، استقامت، جهاد ۽ قرباني جا اهڙا لازوال داستان عملي دنيا ۾ پيش ڪيا، جن جو مثال تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي. قرآن مجيد جي حڪم مطابق انهن جهاد ۽ انفاق جو حق ادا ڪري ڇڏيو. ”السّٰبِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ مِنَ الْمُهٰجِرِيْنَ وَالْاَنْصَارِ“ (هجرت ڪندڙ ۽ انهن جا مددگار جيڪي دين جي هر ڪم ۾ اڳرائي ڪندڙ هئا) ان پاڪباز جماعت جي هر فرد کي چنبي چاٽي، آزمائشن جي ٻنين مان سون بڻائي، بدر، احد، خندق، حديبيہ، خيبر، حنين جي معرڪن مان گذاريندي اهڙي تربيت ۽ سکيا ڪئي وئي جو هو اڳتي هلي ”فرائض رسالت“ کي پوري ڪرڻ لاءِ دنيا جي امامت ۽ قيادت کي سنڀالي سگهيا. سندن ڪارگذاري دنيا جي سامهون آئي تہ ان مقدس جماعت وصال پيغمبر عليہ السلام کان پوءِ قيصر ۽ ڪسريٰ جي طاغوتي رياستن کي نيست و نابود ڪري ڇڏيو.

هيءَ ڳالهہ پوري طرح سمجهڻ گهرجي تہ اسلام جي غلبي جو پروگرام قرآن مجيد جي منشاء ۽ هدف آهي ۽ ان جي جدوجهد لاءِ هڪ انقلابي ۽ نظرياتي جماعت جو قائم ڪرڻ اهل اسلام لاءِ لازمي فريضو آهي. ان جماعت جي سڃاڻپ ”جهاد في سبيل الله“ آهي، جيڪي مسلمان جهاد کان گهٻرائيندا آهن ۽ حُب دنيا کي پنهنجي لاءِ بنيادي حيثيت ڏيندا آهن، انهن کي خدائي منصب تان هٽايو ويندو آهي. پوءِ انهن کي ذلت ۽ غلامي جي کڏن ۾ ڪيرايو ويندو آهي. اهڙا ماڻهو دينداري جو ظاهري لباس پهري پاڻ کي مزڪي ۽ مربي ۽ ٻيو جو ڪجهہ چوائيندا رهن ۽ روحانيت جي پردي ۾ اهل حق تي طعنا ۽ الزام بہ لڳائيندا رهن، پر هو ”حاملين قرآن ۽ متبعين رسول ﷺ“ سڏائڻ جا هر گز حقدار ناهن، ڇو تہ انهن ماڻهن اصحاب رسول ﷺ واري رستي کان ۽ قرآن مجيد جي ٻڌايل شاهراه کان چٽيءَ طرح انحراف ڪيو آهي. مبتدعين جو اهو گروهہ قيامت جي ڏينهن هر گز ڇوٽڪارو حاصل ڪري نہ سگهندو.

# حڪمتِ رسول ﷺ

عَنْ اَبِي هُرَيْرَه قَالَ —قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ كُلُّ عَمَلِ اِبْنِ آدَمَ يُضَاعَفُ الْحَسَنَةُ بِعَشْرِ اَمْثَالُهَا اِلٰى سَبْعَةِ مِائَةِ ضُعْفٍ قَالَ اللهُ تَعَالىٰ اِلَّا الصَّوْمُ فَاِنَّهُ لِي وَ اَنَا اَجْزِيْ بِهٖ يَدَعُ شَهْوَتَهُ وَ طَعَامَهُ مِنْ اَجَلِيْ لِلصَّائِمِ فَرْحَتَانِ فَرْحَةٌ عِنْدَ فِطْرِهٖ وَ فَرْحَةٌ عِنْدَ لِقَاءِ رَبِّهٖ وَلَخُلُوْفُ فَمِ الصَّائِمِ اَطْيَبُ عِنْدَ اللهِ مِنْ رِيْحِ الْمِسْكِ وَ الصِّيَامُ جُنَّةٌ وَاِذَا كَانَ صَوْمَ اَحَدِكُمْ فَلَا يَرْفَثْ وَلَا يَصْخَبُ وَاِنْ سَابَّهُ اَحَدٌ اَوْ قَاتَلَهُ فَلْيَقُلْ اِنِّيْ اِمْرَأٌ صَائِمٌ (بخاري و مسلم)

حضرت ابو هريرهؓ کان روايت آهي ته حضور ڪريم ﷺ جن فرمايو ته انسان جي هر نيڪ عمل جو ثواب ڏهوڻ کان ست سئوڻ تائين وڌايو ويندو آهي. مگر روزو عملن جي ان قانون کان الڳ حيثيت رکي ٿو. روزو منهنجي ٻانهي جي طرفان مون لاءِ هڪ تحفو آهي ۽ مان پاڻ ان تحفي جو ثواب ۽ بدلو ڏيندس. (پوءِ جيترو چاهيان اوترو ڏيان) منهنجو ٻانهو مون کي خوش ڪرڻ خاطر پنهنجون خواهشون ڇڏي ٿو. کاڌي خوراڪ کان دستبردار ٿئي ٿو ته ان جو اجر مان ئي ڄاڻان ٿو ته ڪيس ڪيترو ڏئي سگهان ٿو. روزي رکڻ واري جي لاءِ ٻه خوشيون آهن. هڪ خوشي جڏهن بک ۽ اُڃ کان پوءِ روزو کولي ٿو. ٻي خوشي تڏهن ڪيس نصيب ٿيندي جڏهن هو پنهنجي رب ڪريم ﷻ سان ملاقات ڪندو. روزيدار جي منهن مان نه کائڻ جي سبب جيڪا بوءِ پيدا ٿيندي آهي، اها مون کي مشڪ کان وڌيڪ پسند آهي. روزو مؤمن لاءِ شيطان ۽ نفس کان ڍال آهي ۽ آخرت ۾ جهنم جي باهه کان بچاءُ ڪندو. جڏهن توهان مان ڪو به روزو رکي ته پنهنجي زبان مان ڪا به بد اخلاقي جي ڳالهه ۽ بيهوده بڪواس نه ڪري. پر جيڪڏهن ڪو ٻيو شخص هن کي ڪو گندو لفظ ڳالهائي يا جهڳڙو ڪري ته ان کي چئي ڏي ته يار مون کان پاسو ڪر مون کان پري ٿي وڃ. مون کي روزو آهي. مان ڳالهائڻ جي پوزيشن ۾ ناهيان.

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ مَنْ لَّمْ يَدَعْ قَوْلَ الزُّوْرِ وَ الْعَمَلَ بِهٖ فَلَيْسَ لِلّٰهِ حَاجَةٌ اَنْ يَّدَعَ طَعَامَهُ وَشَرَابَهُ (بخاري)

حضرت ابو هريرهؓ کان روايت آهي ته حضور ڪريم ﷺ جن فرمايو ته جيڪو شخص روزي رکڻ کان پوءِ ڪوڙ ڳالهائڻ کان نٿو رڪجي، ڪاروبار ۾، واپار ڪرڻ ۾، شاهدي ڏيڻ ۾ ۽ ٻين معاملن ۾، ته پوءِ اهڙي شخص جي الله تعاليٰ کي ضرورت ناهي ته هو ڏينهن جو کائڻ پيئڻ کان رڪجي روزيدار هجڻ جو اعلان ڪندو رهي.

روزي جي معنيٰ آهي رڪجي وڃڻ. جيئن ظاهري کاڌي خوراڪ، شين جي واپرائڻ کان رڪجي وڃي ٿو ته اهڙي طرح جڏهن ماڻهو ڏوهن ۽ ڪڌن ڪمن کان به رڪجي وڃي ته اهڙو روزو ثواب ۽ اجر جو سبب بڻجندو ۽ بارگاهه ايزدي ۾ مقبول ۽ منظور ٿيندو.

روزي جي عبادت لاءِ قرآن مجيد ۾ به فرمايو ويو آهي ته ان عبادت جي ذريعي انسان ۾ ”تقويٰ“ جي ڪيفيت پيدا ٿيندي آهي. تقويٰ دل جو عمل آهي - خدا خوفي ۽ خدا جي رضا خاطر مخلوق سان همدردي ۽ انهن جي اهنجن کي دور ڪرڻ - اهو هڪ لڪل عمل آهي. ان ڪري روزي جي عبادت کي به مخفي رکيو ويو آهي. ان سبب ريا ۽ ڏيکاءَ انسان ۾ پيدا ٿي نٿو سگهي. پوءِ ان عبادت جو نتيجو به لڪل آهي يعني دل ۾ ”تقويٰ“ جو پيدا ٿيڻ. ان ڪري ان عبادت جو اجر به مخفي رکيو ويو آهي يعني ڪو به اجر مقرر ناهي، جيڪو رب رحمان چاهي اهو ڏئي ڇڏي. تڏهن ئي فرمايو ويو ته ”الصوم بيني و بين عبدي“ يعني روزو مهنجي ۽ ٻانهي جي وچ ۾ ذاتي معاملو آهي.



# تعليمات امام سنڌي رح

## امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي رح سورة الصف جو تفسير ڪندي لکن ٿا ته:

جئين هڪ شهر جي تهذيب ۽ سڌاري لاءِ ان شهر جي هر هڪ خاندان جي اصلاح ضروري آهي، اهڙيءَ طرح هڪ رياست جي اصلاح، جيڪا انقلاب جو نتيجو هئڻ گهرجي، ان رياست جي سمورن شهرن ۾ ان تهذيب جا مرڪز قائم ڪرڻ کان سواءِ نه ٿي ٿي سگهي. بين الاقوامي پروگرام لاءِ ٻولين جي ڪري الڳ الڳ ٿهندڙ قومون هڪ ايڪي جو درجو رکن ٿيون. ايڪن جي اصلاح يا سڌارو مستقل بنيادن تي قائم ٿيڻ گهرجي. جڏهن هيءَ شيءِ قائم ٿي وڃي ته بين الاقوامي پروگرام دنيا آڏو صاف نموني اچي ويندو ۽ دير تائين هلندو. ان ۾ اها طاقت اچي ويندي ته جيڪڏهن ان جي تحريڪ ۾ ڪڏهن ڪي عارضي ڪمزوريون پيدا ٿي وڃن ته ان جي اندران ئي انقلابي سگهه پيدا ٿي ڪري ان ڪمزوري کي دور ڪري ۽ ان تحريڪ جي اصلاح ڪري سگهي.

جيڪڏهن قومن کي ڪنهن بين الاقوامي مرڪز سان اهڙي ريت وابسته ڪيو وڃي جو اهي قومون معذور بڻجي وڃن ته اهڙي مرڪز ۾ ڪمزوري پيدا ٿيڻ لازمي ڳالهه آهي، جنهن کان پوءِ منجهس انقلابي تحريڪ پيدا ٿيڻ ۽ انهن جو پنهنجي پيرن تي بيهڻ نهايت مشڪل ٿي پوندو آهي. هڪ وڏي مرڪز کان قومن ۾ هڪ پروگرام جاري ڪرڻ سان جيڪڏهن اهو فائدو سامهون اچي ٿو ته تحريڪ تمام جلد ڦهلجي ويندي ته ان جي مقابلي ۾ اهو خطرو به پيش ايندو آهي ته جيڪڏهن ان مرڪز ۾ خرابي پيدا ٿي وڃي ته ايترين وڏين قومن جو سڌارو خطرناڪ طور تي مشڪل ٿي پوندو. پوءِ اها خرابي وڌندي وڌندي قومن کي تمام پري تائين گمراهه ڪري ڇڏيندي. تنهن ڪري صحيح عملي طريقو جيڪو اڄ تائين دنيا ۾ تجربي مان مفيد ثابت ٿيو آهي، اهو هي آهي ته هر هڪ قوم اندر، ان جي ذهنيت مطابق سنڌس ٻولي ۾ بين الاقوامي رهنمائي جا اصول سهيڙيا وڃن. پوءِ انهن بنيادي اصولن تي اها قوم پنهنجي بري ڀلي جو فيصلو ڪرڻ لاءِ خود مختيار هجي. اهڙي ريت هڪ پروگرام تي مختلف قومون تيار ٿي پون ته ڪنهن به مرڪز ۾ ويهي بين الاقوامي پروگرام ڪامياب بڻائڻ گهڻو ڏکيو نه آهي.

سورة الصف جي آخري حصي جي مطابق حضرت سيد مسيح ابن مريمؑ جن جو جيڪو عملي طريقو بيان ڪيو ويو آهي، ان آڌار تي حضرت محمد رسول الله ﷺ جن جيڪو تعليمي مشن قائم ڪيو، ان جو تفصيل سورة الجمعة ۾ اچي وڃي ٿو.

عالمن کي چڱين ڳالهين جي پرچار جي جيڪا دعوت ڏني وئي آهي، ان ۾ الله تعاليٰ سندن محتاج ڪونهي. زمين ۽ آسمان جو نظام شاهد آهي ته الله پنهنجو ڪم پنهنجي حڪمت مطابق هلائي ٿو. هو ڪنهن جو به ڪنهن شيءِ ۾ محتاج نه آهي. جيڪو نظام انسانن ۾ پيدا ڪرڻ گهري ٿو ان ۾ به هو انهن جو محتاج ناهي. پر پوءِ هو انسانن کي چو ٿو چوي ته هو هيءَ ڪم ڪن ۽ خدا لاءِ ڪن! اهو ان ڪري ته ان جي ذريعي انسانن کي پنهنجي طبعي نشوونما جو موقعو ڏنو وڃي. زمين ۽ آسمان الله تعاليٰ جي عظمت ۽ پاڪيزگي جي شاهدي ڏين ٿا. انهن جي جڙاوت ثابت ڪري ٿي ته انهن عظمتن وارين صفتن جو صاحب آهي: ”يُسَبِّحُ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ“.

## اسماءُ الله الحسنيٰ: حضرت روضي ڌڻي رحمة الله عليه

# الفتّاح

اَلْفَتَّاحُ: يعني سڀني مخلوق لاءِ رحمت جا دروازا کوليندڙ. ماڻهن جي مٿان پوري طاقت سان حڪم هلائڻ جو اختيار رکندڙ. انهن جي سمورن معاملن کي حل ڪندڙ. سندن منجهيل، اختلافي مسئلن جو فيصلو ڪندڙ. هن دنيا ۾ اسباب جي وسيلي ۽ آخرت ۾ بنا ڪنهن واسطي ۽ پردي جي معنيٰ ۾ به استعمال ٿيندو آهي. وري فتح، نصرت يعني مدد جي معنيٰ ۾ به آيو آهي، جنهن جو مطلب ٿيو ته الله جل جلاله پنهنجي فضل و ڪرم جا دروازا نبين سڳورن (عليهم الصواة والسلام) لاءِ کوليندڙ آهي، انهن ۽ ڪافرن جي وچ ۾ حق جو فيصلو ڪندڙ آهي. نبين سڳورن ۽ انهن جي پوئلڳن کي دين جي دشمنن مٿان مدد ۽ ڪاميابي بخشيندڙ. گنهگارن لاءِ بخشش جا دروازا کوليندڙ. هيڻن ۽ عاجزن جي مدد ڪندڙ. مؤمنن جي دلين اندر معرفت جا دروازا کوليندڙ. غمگينن جو غمٽار وغيره آهي. مطلب ته ”فتاح“ هڪ اهڙو جامع اسم آهي، جنهن ۾ خير ۽ برڪت جا سمورا باب سمايل آهن.

تعلق: هن اسم شريف سان تعلق جي واٽ هيءَ آهي ته الله تعاليٰ کي فتاح ڄاڻي، فتح ۽ نصرت جي اميد دل ۾ رکي ان جي فضل ۽ ڪرم حاصل ٿيڻ تائين بنا ڪنهن مايوسي ۽ ٻُهرائيءَ جي، سندس در تي ڪنڌ نمائي مطمئن ۽ پرڪسون ٿي ويٺو رهي.

تخلق: هن اسم شريف سان تخلق (صف اپنائڻ) جي صورت هيءَ آهي ته عارف ماڻهن جي مٿان علم ۽ مال جي خيرات جا دروازا کولي ڇڏي. سندن وچ ۾ جهيڙن ۽ جهڳڙن جا فيصلا ڪري، ڪين امن ۽ آرام پهچائي ۽ مظلومن ۽ بي سهارن جي مدد ڪندو رهي.

تعبد: ”عبد الفتاح“ يعني فتاح جو ٻانهو. فتاح جو ٻانهو اهو آهي، جنهن کي الله تعاليٰ هر قسم جي فتوحات جا اسرار ۽ اندر جو علم عطا فرمايو هوندو. پوءِ هو ان علم سان ماڻهن جا جهيڙا جهٽا ۽ اندروني اختلاف نبيريندو ۽ مشڪل معاملا حل ڪندو. فضل و ڪرم وارا ڪم ڪندو. ان ڪري رحمت جا ريلا مٿس پيا وسندا ۽ هو الله تعاليٰ جون اهي نعمتون ۽ رحمتون ٻين کي بخشڻ ۾ ڪڏهن به بخل نه ڪندو.

### امام حماد الله هاليجوي رحمة الله عليه فرمايو:

حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي ته ايمان جون ستر ۽ ڪجهه وڌيڪ شاخون آهن. بهترين ۽ وڏي شاخ آهي ”لا اله الا الله“. دنيا ۾ انسان هڪ الله جو بندو بڻجي وڃي. رب سان برابر ڪنهن کي به نه سمجهي. ڪنهن تي ڀروسو نه ڪري. مصيبتن ۾ ڪنهن ٻئي کي نه سڏي. فقط رب تي اعتماد رکي. دنيا ۽ آخرت جا امور سر انجام ڏيڻوارو، جنهن جي قبضي ۾ هر شيءِ آهي، اها ذات فقط هڪ آهي. ٻي ڪا به شي انسانن کي نظر نه اچي. اها آهي توحيد. اهو آهي نورِ ايمان. (ملفوظات هاليجوی-تحفة السالکين)



ايڊيٽوريل/چيف ايڊيٽر

## سچ جو ساٿ ڏيو

1947ع ۾ هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ جيڪا پاڪ سر زمين (جنهن کي پاڪستان جو نالو ڏنو ويو) الڳ حصو يا جدا ملڪ بڻيو. اهو ملڪ لا دين طبقي، پنهنجي طبقاتي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ وجود ۾ آندو. هي ملڪ هاڻي تائين اهڙي اشرافيہ طبقي جي مفادن جي سنڀال ڪري رهيو آهي ۽ آئينده به هي ملڪ اشرافيہ طبقي جي سوچ مطابق عوام کي غلام رکڻ ۽ انهن کي ذلت واري زندگي گذارڻ تي مجبور ڪندو رهندو.

هن وقت ذلت جي زنجيرن ۾ ڦاٿل ۽ امريڪا وٽ گروي رکيل هن ملڪ جي حفاظت ۽ استحڪام جا دعويدار اهي ماڻهو ڏسڻ ۾ پيا اچن، جن جي وڏڙن هن ملڪ جي ٺاهڻ ۾ نه فقط ڪردار ادا نه ڪيو هو، پر ڀرپور مخالفت پڻ ڪئي هئي. وڏي واکي چيو هو ته هي ملڪ نظرياتي اسلامي ملڪ يا اسلام جو قلعو ڪونه ثابت ٿيندو، بلڪ سامراجي مقصدن جي پورائي ڪندڙ آمريڪي ڪالوني جو ڪردار ادا ڪندو.

جميعت علماء هند، جماعت اسلامي، مجلس احرار، خاڪسار تحريڪ ۽ ٻين هندستاني مسلم مفڪرن هن ملڪ لاءِ اها پيشن گوئي ملڪ جي جدا ٿيڻ کان گهڻو اڳ ڪئي هئي ۽ پوءِ هاڻي سٺ سالن کان وڌيڪ عرصو گذرڻ بعد اها ڳالهه سؤ سيڪڙو سچ ثابت ٿي آهي. جناح، لياقت، ظفر الله قادياني، ملڪ غلام محمد، اسڪندر مرزا کان وٺي خود ساخته فيلڊمارشل ايوب، جنرل يحيٰ، جنرل ضياء الحق ۽ جنرل مشرف تائين، هڪ ئي لا دين سوچ رکندڙ ٽولو هن ملڪ تي قابض ٿيندو پيو اچي ۽ هي ملڪ هاڻي رسمي طرح نه پر حقيقي طرح آمريڪي ڪالوني بڻجي چڪو آهي. آمريڪي مالياتي ادارن طرفان ڊالرن جي خيرات تي پلجندڙ هي ملڪ پنهنجي عزت، غيرت ۽ حميت کي وڪڻي چڪو آهي. پنهنجي ملڪ ۾ فوج ذريعي عوام کي قتل ڪرڻ واري پرائي جنگ وڙهڻ ۾ اڳ اڳرو آهي. جنگ تي جيڪو خرچ ڪندو آهي، ان جو ماهوار بل آمريڪا ڏانهن موڪلي، سمورا ڊالر ڀڙوت ۾ ڪمائي ان مان فوج جا ڪجهه هٿيار خريد ڪري، باقي سمورا ڊالر جي ايڇ ڪيو، ايوان صدر، ۽ وزير اعظم هائوس ۾ ورهايا ويندا آهن. هي آهي اسان جي ملڪ جي صورتحال ۽ اسان جي حڪمرانن جو ڪڌو ڪردار، پر تنهن هوندي به اسان جا ڪجهه دانشور چون ۽ لکن پيا ته پاڪستان جي سلامتي ۽ استحڪام کي ڪيئن محفوظ ڪيو وڃي؟ يعني زرداري جهڙن بد ڪردار ۽ ڪرپٽ حڪمرانن لاءِ ڪهڙي طرح هي ملڪ محفوظ ”چراگاهہ“ بڻائي انهن جي مفادن جي حفاظت ڪئي وڃي ۽ ڪيئن آمريڪا جي ناپاڪ مقصدن جي پوئواري بهتر طريقي سان ڪري سگهجي؟

- پاڪستان جا ڪروڙين عوام!
- پاڪستان جو سوچيندڙ طبقو!
- ڇا هن حقيقت کي نٿو پروڙي سگهي ته هن وقت پاڪستان ڪهڙي صورتحال مان گذري رهيو آهي! هيءُ ملڪ هڪ فلاحي ۽ خوشحال رياست بڻجي ويو آهي يا عوام جو قتل گاهہ!

- بکايل ۽ اگھاڙا نسان!
- مهانگائي ۽ بيروزگاري جا ستايل!
- بجلي کان محروم ۽ انڌيرن ۾ گذاريندڙ!
- قطارن ۾ بيٺل، پنَ جا پيالا ڪٽندڙ!
- ذلت ۾ گذاريندڙ، ڦاسين تي لٽيڪل!
- هر ڏاڍو ماڻهو ڪين ڏيجاري ٿو ۽ دٻائي ٿو!
- سڙڪن تي سندن خون جا درياءَ وهن ٿا!
- بک جي باهه ۾ سڙندا رهن ٿا!
- ظالم حڪمرانو! انهن کي اوهان ڪيترو ماريندا!
- اهي ته مئل لاش هن، پوءِ ڇا لاشن تي لٺيون هڻندا رهندا!
- ڪاغذن جي پرزن تي جناح جو ڦوٽو آهي ۽ اوهان ان کي رپيا ٿا چئو!
- هڪ پنج هزار جو نوٽ آهي. ڇا ڪنهن مظلوم ۽ محروم ان کي ڏٺو آهي؟
- پرائيويٽ اسڪولن ۾ گريجوئيٽ ملازم ۽ پگھار صرف پنج هزار رپيا! توهان کي شرم نٿو اچي!؟
- هن ملڪ ۾ فوجي جنرلن راڄ ڪيو ۽ انهن پنهنجي بهادري ڏيکارڻ لاءِ ڪشمير ۾ جنگ ڇيڙي ۽ پوءِ 1965ع جي جنگ لڳي. توهان ڪيترائي شهيد بڻايا. تمغا سجايا ۽ زمينون ڏنيون، توهان کي ته شهيد ئي گھرجن!
- پوءِ وري ملڪ ۾ چونڊون ڪرائي ان جا نتيجا نه مڃيا ۽ انهن انصاف گھرندڙن تي فوج ذريعي گوليون هلايون ويون ۽ لکين ماڻهو ماريا ويا. ملڪ تي قبضو نه ٿيو، پر ملڪ ۽ قوم کي برباد ڪيو ويو!
- هر دور ۾ هر حڪمران، عوام جو نالو – اسلام جو نالو – جمهوريت جو نالو ۽ سلامتي ۽ استحڪام جو نالو ورتو!
- مگر هر دؤر ۾ اوهان جو عوام سان دوکو رهيو آهي!
- اوهان پيدائشي دوکيباز آهيو! اوهان ڪوڙا ۽ دغاباز آهيو! اوهان فريبي ۽ مڪار آهيو!
- اوهان جي حسب نسب، خون ۽ پرورش ۾ ملاوٽ آهي. ان ڪري اوهان نهايت بي شرمي ۽ بي حيائي سان هن ملڪ جو نالو ”اسلامي جمهوري پاڪستان“ رکيو. جو ته توهان کي ان نالي ۽ عنوان سان دغابازي صدين تائين ڪرڻي آهي. پر ياد رکو! اوهان جو نالو نشان هرگز قائم نه رهندو. جو ته دغاباز، متڪبرن ۽ ظالمن جو حشر جلد ئي خراب ٿيندو آهي ۽ اهي قومن لاءِ عبرت جو نشان بڻجي ويندا آهن!
- جهڙيءَ طرح توهان ملڪ ۾ جمهوريت ۽ عوام جي حڪمراني جو ستيا ناس ڪيو آهي. اهڙي طرح اوهان پنهنجن سياسي پارٽين سان به دوکيبازي ڪئي آهي. هڪ خاندان کي سياسي پارٽي تي قابض رکي، پوري پارٽي کي يرغمال بڻايو آهي. عوام کي بي وقوف بڻائڻ جي چال ته ڪو اوهان کان سکي!
- پ.پ تي ڀٽو خاندان، مسلم نون تي شريف خاندان، ق ليگ تي چوڌري صاحبان، ف ليگ تي پاڳارو صاحب، تحريڪ انصاف تي عمران خان! ايم ڪيو ايم تي ازلي ابدي قائد الطاف پائي!



- مذهبي پارٽيون مسلڪن تي قائم! انتشار، فساد ۽ فرقي واريت سندن سڃاڻپ!
- ڪالهه برطانيا جي غلامي! اڄ آمريڪا جي غلامي !!
- گھر ۾ وڏيرن، رئيسن ۽ خان وڏي ۽ خان ننڍي جي غلامي !!!
- مسجد ۾ ملان جو مذهب، هر مسجد ۾ جدا جدا مذهب!!
- جڙتو پير طريقت ۽ دنيا پرست سجاده نشين جي صحبت! نذر ۽ نياز جي ادائيگي يا معرفت الاهي!!
- ذڪر، فڪر، چلا، مراقبا، ڌڳها چولا ۽ جدا جدا ٽوپين جو وڪرو!
- جدا جدا بدعتون مذهب بڻجي ويون! جلسا ۽ جلوس عبادتون قرار ڏنا ويا!!
- پوءِ وري مرشدن ۽ پيرن جي غلامي جا طوق ڪنڌن ۾ وڌاسون! نه ڪو شرم، نه ڪو حياءُ!
- هاڻي جنهن طرف ڏسو، ته هر شخص، ڪنهن نه ڪنهن شخص جو غلام آهي!
- غلامي جي عادت غلامي جو ذوق پيدا ڪيو آهي!
- توحيد جي آزادي، هڪ خدا جي غلامي اسان کي لطف نٿي ڏئي!
- ڇا ڪيون، صدين کان وٺي بگڙجي ويا آهيون ۽ اصلاح ڏانهن قدم نٿو وڌي!
- ملت اسلاميه جو اصلاح ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح؟
- منافقت کي ڇڏي خالص ايمان تي ڪار بند ٿيون.
- انسانن جي غلامي جو انڪار ڪري، فقط الله بادشاهه جا غلام بڻجون.
- سمورا موقف، نظريا، تاويلون ترڪ ڪري فقط خدا تعالىٰ جي ڪتاب هدايت تي گڏ ٿيون.
- انسانن جي ڪڏ لڳڻ کان هٽي فقط سيدنا محمد رسول الله ﷺ جي قيادت ۽ رهنمائي تي اتفاق ڪريون
- فرقي واريت، انتشار ۽ انڌي تقليد کان پاسو ڪري دليل، برهان ۽ حجت الاهي تي قائم رهون.
- پاڪستان جي سر زمين کي هر قسم جي برائين، غلاظتن ۽ ناپاڪ گنگين کان پاڪ ۽ صاف ڪرڻ لاءِ وحدت انسانيت جي بنياد تي هڪ پاڪيزه فلاحي ۽ عادلانه معاشري قائم ڪرڻ لاءِ اڻ ڪٽ جدوجهد جو آغاز ڪريون.
  - ڪوڙ ڪپت، منافقت ۽ خود غرضي کي هڪ شرعي ڏوهه سمجهڻ کان علاوه قومي جرم قرار ڏيون ۽ هر اهڙي منافقت سان پريل ۽ مفاد پرست حڪمران ۽ سياستدان پوري طرح بيزاري ٿي وڃون. سچا بڻجون ۽ سچن جو ساٿ ڏيون ۽ سچ جي تائيد ڪريون ۽ پوءِ سچ چوندڙ پلي ڪير به هجي، ڪتاب جو به هجي! (اِنۡ تَنۡصُرُوا اللّٰهَ يَنۡصُرۡكُمۡ وَيُثَبِّتۡ اَقۡدَامَكُمۡ)

پاڪستان پلي سچن ماڻهن ڪونه ناهيو. پوءِ انهن ۽ انهن جا خاندان هاڻي تائين استحصالي طريقن سان پاڪستان کي ناپاڪ بڻائي رهيا آهن. مگر جيئن ته هن ملڪ ۾ رهندڙ مسلمان ۽ هيو عوام مظلوم ۽ محروم آهي ۽ هيءُ وطن انهن جي سلامتي، عزت آبرو ۽ سندن مستقبل جو گھرجائو آهي، ان ڪري وطن جي حفاظت ڪرڻ ۽ ان کي مثالي ۽ معياري ملڪ بڻائڻ اسان جي قومي ذميواري آهي هن ملڪ کي ظالمن ۽ مفاد پرستن کان آزاد ڪري، سچار ۽ مخلص حڪمرانن جي قيادت ۾ ڏيڻ لاءِ هڪ ڏگهي ۽ اڻ ٽڪ جدوجهد ڪرڻ اسان جو قومي ۽ شرعي فريضو آهي.

مولانا شعيب الرحمان کهڙو

# اسلامي معاشري ۾ ڪمزورن جي حقن جو تحفظ

قرآن مجيد بار بار مختلف انداز ۾ عام انسانن سان گڏ ڪمزورن جي حقن جي تحفظ تي وڏو زور ڏنو آهي، اهو ان ڪري جو عام طور تي سرمائيدار ۽ مالدار ماڻهو غريبن جي ڪمزوريءَ جو فائدو وٺي انهن جو استحصال (Exploit) ڪندا آهن ۽ حڪومت بہ انهن جو خيال نہ رکندي آهي، تنهن ڪري قرآن مجيد ڪمزور ۽ بي سهارا ماڻهن جو لحاظ رکڻ بابت وڏو تاڪيد ڪيو آهي. فرمايو ويو:

فَاَمَّا الۡيَتِيۡمَ فَلَا تَقۡهَرۡ ﴿٩﴾ وَاَمَّا السَّآئِلَ فَلَا تَنۡهَرۡ ﴿١٠﴾ (الضحيٰ ١٠_٩)

”تنهن ڪري يتيم تي تون ڏاڍ نہ ڪر ۽ سوالي کي نہ جهڻڪ.“

الله تبارڪ و تعاليٰ پنهنجي آخري رسول حضرت محمد ﷺ جن کي سڌوسنئون خطاب ڪندي ان کي پنهنجا احسان ياد ڏياريندي يتيمن سان سهڻي سلوڪ جو حڪم ڏئي ٿو تہ اوهان بہ يتيم هيؤ. پوءِ اسان اوهان تي ڪرم ڪيو ۽ اوهان جي پرورش جو انتظام ڪيو. تنهن ڪري شڪرگذاري جي تقاضا اها آهي تہ اوهان جي طرفان ڪنهن يتيم تي ظلم ۽ زيادتي نہ ٿئي. اهو ئي سبب آهي جو محسن انسانيت يتيمن جي پارت ڪندي فرمايو:

”مسلمان معاشري جو بهترين گهر اهو آهي جتي يتيم سان سهڻو سلوڪ ڪيو وڃي ٿو ۽ بدترين گهر اهو آهي جتي يتيم تي ظلم ۽ زيادتي ڪئي وڃي ٿي.“

هڪ حديث ۾ آهي تہ ”جيڪو ماڻهو ڪنهن يتيم جي مٿي تي شفقت ڀريو هٿ گهمائيندو ان کي ايترين نيڪين جو ثواب ملندو، جيترا يتيم جا وار ان جي هٿ هيٺ آيا هوندا.“ وارن جو شمار توهان ۽ اسان جي وس جي ڳالهہ نہ آهي، اهو تہ الله ئي ڄاڻي ٿو. باقي هتي ان مثال جي ذريعي اهو سمجهايو ويو آهي تہ يتيم سان همدردي رکندڙ ڪو سنگدل دل نٿو ٿي سگهي. دراصل الله تعاليٰ ۽ محسن انسانيت جي نظر ۾ يتيم سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ ۽ ان سان همدردي ڪرڻ وڏي اهميت رکي ٿو. تنهن ڪري ان رحم دل انسان جي نيت ۽ همدردي جو جذبو ايڏو تہ وڏو آهي جو ان جي قيمت يا اجر صرف الله ڏئي سگهي ٿو.

اهڙي طرح سورة مدثر ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ فيصلہ ڪن انداز ۾ نماز ڇڏيندڙ ۽ مسڪينن کي کاڌو نہ کارائيندڙ جو آخري ٺڪاڻو جهنم ٻڌايو آهي.

قيامت جي ڏينهن جڏهن جنتي ماڻهو جهنمين کان سوال ڪندا توهان تہ وڏا مالدار دنيا جي مستيءَ ۾ مست هيؤ. پوءِ هتي ڪيئن آيا آهيو؟ قرآن ان مڪالمي کي هن ريت بيان ڪري ٿو:

مَا سَلَكَكُمۡ فِىۡ سَقَرَ ﴿٤٢﴾ قَالُوۡا لَمۡ نَكُ مِنَ الۡمُصَلِّيۡنَ ﴿٤٣﴾ وَلَمۡ نَكُ نُطۡعِمُ الۡمِسۡكِيۡنَ ﴿٤٤﴾ (المدثر ٤٢_٤٣)

”اوهان کي دوزخ ۾ ڪهڙي ڳالهہ وڌو. چوندا تہ نڪي نمازين مان هئاسين ۽ نہ ڪي مسڪينن کي کارائيندا هئاسين.“

قرآن مجيد جي ضحيٰ ۽ مدثر، ٻئي سورتون ابتداءِ اسلام ۾ نازل ٿيل آهن. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اسلام جي شروعات ۾ ئي الله تبارڪ و تعاليٰ سڀ کان وڌيڪ اوليت ۽ اهميت انساني حقن کي عطا فرمائي ۽ ماڻهن جي دلين ۾ اهو جذبو پيدا ڪيو تہ جيئن هو غريبن ۽ مسڪينن کي الله تعاليٰ جي عطا ڪيل نعمتن ۾ برابر شريڪ ڪن. اهو ان ڪري بہ ضروري هيو جو اسلام امن، سلامتي ۽ ڪرم جو دين آهي. جڏهن تہ جاهليت واري دور ۾ مالدار ماڻهو پنهنجي زر خريد ٻانهن تي بي انتها ظلم ڪندا هئا. انهن سان غيرانساني سلوڪ ڪيو ويندو هو. ان جي برعڪس اسلام هر مظلوم سان همدردي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ انهن جو ٺڪاڻو جهنم قرار ڏنو، جيڪي مسڪينن کي کاڌو نٿا کارائين. سورة ”ماعون“ تي هڪ نظر ڊوڙايو، قرآن ڪيڏو وڏو نوس اصول ٻڌائيندي چوي ٿو تہ جيڪي ماڻهو مسڪينن ۽ يتيمن جي بحال ڪاريءَ جو ڪم نٿا ڪن ۽ پنهنجي معمولي شيءِ بہ حاجتمند کان روڪي رکن ٿا انهن جي نماز جهڙي عبادت ڪنهن بہ ڪم جي نہ آهي. قرآن پاڪ فرمائي ٿو:

اَرَءَيۡتَ الَّذِىۡ يُكَذِّبُ بِالدِّيۡنِ ﴿١﴾ فَذٰلِكَ الَّذِىۡ يَدُعُّ الۡيَتِيۡمَ ﴿٢﴾ وَلَا يَحُضُّ عَلٰى طَعَامِ الۡمِسۡكِيۡنِ ﴿٣﴾ فَوَيۡلٌ لِّلۡمُصَلِّيۡنَ ﴿٤﴾ الَّذِيۡنَ هُمۡ عَنۡ صَلَاتِهِمۡ سَاهُوۡنَ ﴿٥﴾ الَّذِيۡنَ هُمۡ يُرَآءُوۡنَ ﴿٦﴾ وَيَمۡنَعُوۡنَ الۡمَاعُوۡنَ ﴿٧﴾ (الماعون)

”(اي پيغمبر) انهيءَ کي ڏٺئي ڇا جيڪو عملن جي بدلي ملڻ کي ڪوڙو ڀائيندو آهي. پوءِ اهو آهي جو ڇوري ٻار کي ڌڪيندو آهي ( ڪنهن کي) مسڪين جي کارائڻ تي رغبت نہ ڏياريندو آهي. پوءِ انهن نمازين لاءِ ويل آهي جي پنهنجين نمازن کان ويسلا رهندا آهن، اهي جيڪي رياءُ ڪندا آهن، اڌاريون شيون جهليندا آهن.“

قرآن مجيد اهو ڪافي نٿو سمجهي تہ صرف پاڻ نيڪين تي ڪاربند رهي ۽ ٻين جي معاملي ۾ خاموش رهي. بلڪ خدائي ڪتاب جي منشا اها آهي تہ خير، خدا ترسي ۽ ڀلائي عام ٿئي. ماڻهو جيڪڏهن پاڻ ٻين کي کاڌو کارائين ٿا تہ اهي ٻين ماڻهن جي دلين ۾ بہ اهو جذبو پيدا ڪن تہ جيئن اهي بہ ان نيڪي ۾ شريڪ ٿين. ”اقامت الصلواة“ ۾ بہ جماعت جو فائدو بہ اهو آئي آهي تہ يڪجهتي، هڪٻئي سان همدردي، خير ۽ فلاح جا جذبا هر ماڻهوءَ ۾ اچن تہ جيئن نسل درنسل اعليٰ اخلاقي نظام قائم ٿئي ۽ مسجد کان گهر ۽ گهر کان معاشري تائين خير ۽ فلاح جا جذبا امن ۽ امان جي ضمانت بڻجي وڃن. ان ڪري سورة ”والعصر“ ۾ ايمان ۽ عمل صالح سان گڏ ”وَتَوَاصَوۡا بِالۡحَقِّ ۙ وَتَوَاصَوۡا بِالصَّبۡرِ“ کي لازم ملزوم قرار ڏنو ويو آهي. بلڪ اسان وٽ ايمان جي ڀرين تقاضا صالح عمل آهن. ارشاد رباني آهي:

اِنَّهٗ كَانَ لَا يُؤۡمِنُ بِاللّٰهِ الۡعَظِيۡمِ ﴿٣٣﴾ وَلَا يَحُضُّ عَلٰى طَعَامِ الۡمِسۡكِيۡنِ ﴿٣٤﴾ (الحاقہ ٣٣_٣٤)

”ڇو تہ اهو (ماڻهو) الله وڏي کي نہ مڃيندو آهي ۽ نڪي (ٻين کي) مسڪينن جي کارائڻ تي تاڪيد ڪندو هو.“

”اصحاب المثال“ جو ٺڪاڻو جهنم ان ڪري بڻيو جو اهي ايمان نہ آڻيندا هئا ۽ مسڪينن جي کاڌي کارائڻ جي ترغيب نہ ڏيندا هئا. قرآن مجيد جي آيتن ۾ غور ڪيو، قرآن مجيد الله تعاليٰ تي ايمان نہ آڻڻ ۽ غريبن کي کاڌو کارائڻ جي ترغيب نہ ڏيڻ کي ڪفر سان ملايو آهي. ان مان واضح ٿئي ٿو تہ ايمان وارن جو ڪردار هڪ امتيازي شان رکي ٿو، اهو آهي مسڪينن تي رحم ڪائڻ، انهن جي بنيادي ضرورت پوري ڪرڻ، مناسب غذا فراهم ڪرڻ ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏيڻ.

سورة الفجر ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ ڪافرن جو طرز عمل بيان ڪندي فرمائي ٿو.

كَلَّا بَلْ لَّا تُكْرِمُوْنَ الْيَتِيْمَ ﴿١٧﴾ وَلَا تَحٰٓضُّوْنَ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِيْنِ ﴿١٨﴾ (الفجر: ١٧ـ ١٨)

”(هرگز) ايئن نہ آهي بلڪ چوري ٻار ڪي تعظيم نہ ڏيندا آهيو ۽ نڪي مسڪين جي کارائڻ ڪي هڪٻئي تي رغبت ڏياريندا آهيو.“

قرآن مجيد ۾ وڏي اهتمام سان يتيم جي مال جو تحفظ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي.

وَلَا تَقْرَبُوْا مَالَ الْيَتِيْمِ اِلَّا بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ حَتّٰى يَبْلُغَ اَشُدَّهٗ (الانعام۔ ١٥٢)

”۽ جيڪا (واٽ) بلڪل چڱي هجي تنهن ڪانسواءِ ٻئي طرح سان يتيم جي مال ڪي ويجها نہ وڃو، جيسين اهو پنهنجي جوانيءَ کي پهچي.“

ان آيت سڳوري ۾ نہ صرف يتيم جي مال جو تحفظ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، بلڪ يتيم جي مال کي واپار ۾ لڳائي ان کي فائدو پهچائڻ جو پڻ رستو ڏيکاريو ويو آهي. آخر ۾ اهڙن ظالمن کي ڌمڪي ڏني وئي آهي، جيڪي ڏاڍ جي بنياد تي يتيمن جو مال هڙپ ڪن ٿا.

اِنَّ الَّذِيْنَ يَاْكُلُوْنَ اَمْوَالَ الْيَتٰمٰى ظُلْمًا اِنَّمَا يَاْكُلُوْنَ فِيْ بُطُوْنِهِمْ نَارًا ۭ وَسَيَصْلَوْنَ سَعِيْرًا ﴿١٠﴾ (النساء ١٠)

”جيڪي يتيمن جو مال ڏاڍ سان کائيندا آهن سي پنهنجن پيٽن ۾ رڳو باهہ کائيندا آهن، اهي دوزخ ۾ سگهو گهڙندا.“

مالدارن جي مال ۾ خاندان جي مستحق رشتيدارن جو اولين حق آهي جنهن کان ڪنهن بہ صورت ۾ منهن نہ ٿو موڙي سگهجي. قرآن مجيد، الله تبارڪ و تعاليٰ جي بندگيءَ سان گڏ والدين سان سهڻي سلوڪ جو حڪم ڏئي ٿو:

وَقَضٰى رَبُّكَ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّآ اِيَّاهُ وَبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا ۭ (الإسراء ـ ٢٣)

”۽ تنهنجي پالڻهار حڪم ڪيو آهي تہ ان ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن جي بہ عبادت نہ ڪريو ۽ ماءُ پيءُ سان نيڪي ڪريو.“

ٻار جي نگهداشت ۾ ماءُ وڏيڪ تڪليف برداشت ڪري ٿي، تنهن ڪري ان جو حق بہ وڏيڪ بڻجي ٿو، قرآن پاڪ ان معاملي ۾ فرمائي ٿو:

وَوَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ ۚ حَمَلَتْهُ اُمُّهٗ وَهْنًا عَلٰى وَهْنٍ وَّفِصٰلُهٗ فِيْ عَامَيْنِ (لقمان ـ١٤)

”۽ ماڻهن کي سندن ماءُ بابت (چڱائي ڪرڻ جو) حڪم ڪيوسون جو ماڻس تڪليف جي مٿان تڪليف سهي ڪيس پنهنجي پيٽ ۾ کنيو ۽ ٻن ورهن ۾ سندس (ٻبن جو) ڇڏائڻ آهي.“

”الاحقاف“ سورة ۾ ماءُ جي تڪليف جو ذڪر هن ريت ڪيو ويو آهي.

وَوَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ اِحْسٰنًا ۭ حَمَلَتْهُ اُمُّهٗ كُرْهًا وَّوَضَعَتْهُ كُرْهًا ۭ (الاحقاف ١٥)

”۽ ماڻهو کي پنهنجي ماءُ پيءُ سان چڱائي ڪرڻ جو حڪم ڪيوسون (جو) اوکائيءَ سان سندس ماءُ ڪيس (پيٽ ۾) کنيو آهي ۽ اوکائيءَ سان ڪيس ڄڻيو آهي.“

انهن آيتن ۾ ماءُ جي حقن تي وڏيڪ زور ڏنو ويو آهي، ڇو تہ حمل ۽ وضع حمل کان ولادت ۽ ٻالڪپڻ تائين سڄو بار ماءُ برداشت ڪري ٿي. پيءُ فطري طور تي ان ۾ ڪوبہ حصو نٿو وٺي سگهي، البتہ هو خاندان جي سرپرستي ۽ نگراني ڪري ٿو، ان ڪري ماءُ جي مقابلي ۾ ڪنهن حيثيت سان ان جو حق گهٽ آهي، پر اطاعت ۽ خدمت ٻنهي جي ضروري آهي. هي اهو واحد عمل آهي، جنهن جي جزا اولاد کي دنيا ۾ ئي ڏني ويندي آهي ۽ آخرت ۾ جنت جي خوشخبري ڏني وئي آهي.

پاڻ ڪريم ﷺ جن پڻ ٽي ڀيرا ماءُ جي حقن جو تاڪيد فرمايو آهي. ان کان پوءِ پيءُ جي باري ۾ هڪ ڀيرو فرمايو. (ثم ابوڪ)



**امام غزالي رحہ**

# روزي جا ڇهہ ادب

صحيح روزي لاءِ جيڪو انسان کي گناهن کان روڪي ٿو، ڇهہ ادب ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهن:

## 1۔ نظر جو روزو:

پهريون ادب هيءَ آهي تہ نظرون جهڪيل هجن. جن شين کان الله تعاليٰ منع ڪيو آهي، انهن ڏانهن نظر نہ ڪجي. ۽ جن شين جي ڏسڻ سان شيطاني وسوسا پيدا ٿين ۽ ماڻهو کي الله جي ياد کان غفلت ۾ وجهن، انهن ڏانهن نظرون ڪرڻ کان پاسو ڪجي.

پاڻ ڪريم ﷺ جن جو ارشاد مبارڪ آهي: ”نظر ڪرڻ (اهڙن شين ڏانهن جن کان خدا تعاليٰ روڪيو آهي) شيطان جو زهريلو ٽار آهي. جيڪو بہ انسان خدا جي رضامندي خاطر بدنگاهہ کان بچي ٿو. الله تعاليٰ ان بندي جي دل کي ايمان جي مٺاڻ جو مزو عطا ڪري ٿو.“

حضرت جابر رضي الله عنه عنہ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: ”پنجن شين سان روزو ڀڄي پوي ٿو (مطلب تہ روزو پورو نٿو ٿئي) 1- ڪوڙ 2- گلا 3- چغلي 4- ڪوڙو قسم 5- بري نظر

## 2۔ زبان جو روزو:

ٻيو ادب هي آهي تہ زبان مان ڪابہ واهيات ۽ بڇڙي ڳالهہ نہ نڪري. گلا ۽ غيبت کان پاسو ڪجي. بڇڙيون ڳالهيون نہ ڪجن. جهيڙو ۽ ظلم نہ ڪجي. اجائي ڳالهائڻ کان پاسي تي رهجي. زبان جو روزو هي آهي تہ خاموش رهجي. زبان کي الله جي ياد ۽ قرآن جي تلاوت سان هر وقت ترو تازه رکجي.

پاڻ ڪريم ﷺ فرمايو: ”روزو ڍال آهي (گناهن کان بچاءَ جي.) جيڪڏهن توهان سان ڪير بڇڙو ڳالهائي، جهيڙو ڪري يا اجائي ڳالهہ ڪري يا گارگند ڪري تہ ان کي چئي ڇڏيو تہ مون کي روزو آهي.“

## 3۔ ڪنن جو روزو

ٽيون ادب هي آهي تہ ڪنن کي بڇڙين ڳالهين جي ٻڌڻ کان پري رکجي. جن ڳالهين جو زبان سان چوڻ حرام آهي، انهن جو ٻڌڻ بہ برو آهي. انهيءَ ڪري الله تعاليٰ قرآن ۾ ڪوڙ ٻڌندڙن ۽ حرام مال کائيندڙن جو ذڪر گڏ ڪيو آهي. سمعون للكذب اكلون للسحت (هي ڪن ڏئي ڪوڙ ٻڌندڙ ۽ حرام مال کائيندڙ) (المائده: 42)

گلا ٻڌڻ بہ برو ڪم آهي. پاڻ صہ جن جو ارشاد مبارڪ آهي تہ ”گلا ڪندڙ ۽ ٻڌندڙ ٻئي گناهہ ۾ شريڪ آهن.“

## 4۔ ٻين عضون جو روزو:

چوٿون ادب هي آهي تہ هٿ، پير ۽ ٻيا عضوا بہ گناهن کان بچيل رهن. افطاري ۽ سحري ۾

حرام ڪائڻ کان بچجي، بلڪ جنهن ۾ حرام جو شبهو هجي، ان کان به رڪجي پئجي. حرام ڪائڻ زهر آهي جيڪو دين جي مٺاڻ ۽ حلاوت کي ختم ڪري ڇڏي ٿو.

رسول الله ﷺ جن فرمايو: "ڪيترائي روزيدار اهڙا هوندا جن کي بک ۽ اڄ کان سواءِ روزي ۾ ٻيو ڪجھ به حاصل نه ٿيندو."

**5_ حلال ۽ پاڪ رزق:**

حلال ۽ طيب (پاڪ) کائجي ۽ ضرورت آهر کائجي، هڪ ته کاڌو حلال ۽ طيب هجي، ٻيو ته گهٽي تڪلف ۽ عياشيءَ وارو نه هجي. نه ته روزي جو مقصد ئي ختم ٿي ويندو. نفيس ۽ اعليٰ طعام کائڻ ۽ گهڻي مقدار ۾ واپرائڻ سان ماڻهو عالم ملڪوت جي فيضن کان محروم رهجي وڃي ٿو.

**6_ خوف ۽ اميد:**

روزو خوف ۽ اميد جي ڪيفيت سان هجي. اميد هجي ته الله تعاليٰ منهنجو روزو قبول فرمائيندو ۽ مون کي نيڪ ۽ صالح ٻانهن ۾ شامل ڪندو. ۽ گڏوگڏ خوف به رهي ته روزي جون سڀ تقاضائون ڪامل طرح متان ادا نه ڪري الله جي غضب جو حقدار نه بڻجان.

حقيقت هيءَ آهي ته هر عبادت کان پوءِ اها ڪيفيت هئڻ گهرجي.

## حڪمتِ قرآن انسٽيٽيوٽ

- **قرآن حڪيم جي عصري اعلي تعليم ۽ تحقيق جو ادارو**
- **قرآن حڪيم جي دعوت، پرچار ۽ اشاعت جو ادارو**
- **عهد حاضر جي لاءِ مثالي ماڻهن جي تياري جو ادارو**
- **امام شاه ولي لله جي تعليمي طريقي تي قرآن حڪيم جي عملي الاهياتي ۽ سماجي شعور جو ادارو**

الحمدلله 2 سالن کان سڄي ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ مان سوين عالم، استاد، شاگرد، دانشور، ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ مختلف شعبن جا ماڻهو خط و ڪتابت ذريعي فهم قرآن، تدبر قرآن ۽ حڪمت قرآن ڪورسن جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. امام شاه ولي الله رحمه الله جي تعليمي طريقي تي جوڙيل هنن ڪورسن ذريعي قرآن مجيد جي عملي الاهياتي فڪر ۽ سماجي شعور سان نه صرف انهن جي علمي ۽ عملي صلاحيتن ۽ استعداد ۾ اضافو ٿي رهيو آهي بلڪ پنهنجي شخصيت جي ارتقا ۽ سماج لاءِ مؤثر ڪردار جي ادائگي جا مقصد به حاصل ڪري رهيا آهن.

اوهان به قرآن حڪيم جي ذريعي الله جي موڪليل هدايت ۽ حڪمت کان بهره ور ٿيڻ گهرو ٿا ته هيٺين ايڊريس تي خط لکي داخلا فارم گهرائي سگهو ٿا.

**حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ: 6- سنڌي جماعت ڪوآپريٽو سوسائٽي،**
نيشنل هاءِ وي ڪراچي 75030 فون: 0300-2707097



**پروفيسر علي نواز جتوئي**

# مولانا عبيد الله سنڌي بابت منهنجا ذاتي تاثرات

غالباً 1939ع وارو سال هو جڏهن آءٌ تعليم خاطر ڪراچيءَ ۾ ايل ڊبليو مسلم هاسٽل ۾ (جنهن کي هاڻي "جناح ڪورٽس" تو سڏجي) رهندو هوس. تڏهن هڪ دفعي هاسٽل ۾ چوپچو ٿي ته مولانا عبيدالله سنڌي، هڪ انقلابي مولوي، گهڻي عرصي جي جلاوطني بعد حرمين شريفين کان واپس سنڌ ۾ آيو آهي تنهن کي سلامي ڏيڻ خاطر خاڪسارن جو هڪ جيش ڪڏي هلندو جتي مولوي صاحب رهيل هو. ان جيش ۾ مون کي به شامل ڪيو ويو. اسان پريڊ ڪندا ڪڏي پهتاسون جتي مولانا کي اسان سلامي ڏني، سلامي بعد اسان جي سالار هڪ مختصر تقرير ڪئي جنهن ۾ مجاهدانه زندگي جي اهميت تي اجمالي روشني وڌي وئي. ان تقرير ۾ اسان جي سالار ايئن به چيو ته خاڪسار تحريڪ جو سياست سان ڪوبه واسطو ڪونه آهي. جواب ۾ مولانا صاحب خاڪسارن جي سپاهيانه زندگي کي ساراهيو مگر ايئن به فرمايو ته "ايئن چوڻ ته توهان جو سياست سان ڪوبه واسطو ڪونه آهي غلط آهي، سپاهيانه زندگي خود سياست آهي، اسان ۽ اوهان سياست کان الڳ ٿلڳ رهي نٿا سگهون. اسان شاه ولي الله دهلوي رح جي فلسفي کي عام ڪرڻ گهرون ٿا ۽ ان جي روشني ۾ سياست جو نئون پروگرام پيش ڪنداسون، انهيءَ لاءِ اسان کي توهان نوجوانن ۾ وڏيون اميدون آهن. اوهان ۾ جذبو آهي، همت آهي، اسان ان جو قدر ڪريون ٿا. اميد ته اوهان جي سپاهيانه زندگي اسان جي سياسي پروگرام لاءِ مفيد ثابت ٿيندي. في الحال اسان عدم تشدد يعني اهنسا کي پنهنجي سياسي پروگرام لاءِ ضروري سمجهون ٿا....." وڌيڪ ڪهڙا خيال مولانا صاحب ظاهر ڪيا سي هن وقت ياد ڪونهن. ان ڪانپوءِ ڪافي عرصي تائين مولانا صاحب لاءِ ڪو خاص جذبو مون ۾ پيدا ڪونه ٿيو. هڪ دفعي ٻڌم ته مولانا صاحب مرحوم علامه آءِ آءِ قاضي سان ملاقات لاءِ سندس جاءِ تي ويو، مرحوم علامه صاحب سان مون کي خاص عقيدت هئي تنهن ڪري جڏهن مون کي اهو معلوم ٿيو ته مولانا عبيدالله سنڌي، هڪ ٻئي مولوي صاحب (محمد صادق) کي مٿين ملاقات بعد چيو ته قاضي صاحب سان ملندو رهه ۽ صحبت ڪندو رهه، تڏهن مولانا صاحب جي شخصت کان واقف ٿيڻ لاءِ مون ۾ چاهه پيدا ٿيو. مولانا صاحب جا بيان اخبارن ۾ پڙهندو رهيس، هڪ دفعي جڏهن سندن قيام ڪراچي ۾ هو تڏهن ملاقات لاءِ ويس. ڪيترائي ماڻهو وٽس موجود هئا تنهن ڪري آءٌ ڪجھ به پڇي ڪونه سگهيس مگر سندس زبان مبارڪ مان معلوم ٿيو ته سندس خيالن کي پروفيسر محمد سرور ترتيب ڏيئي ڪتاب جي صورت ۾ آندو آهي جو جلد لاهور مان شايع ٿيندو. ان کي ضرور پڙهڻ گهرجي، جڏهن اهو شايع ٿيو تڏهن ان کي خريد ڪري پڙهڻ شروع ڪيم ۽ نهايت متاثر ٿيس. ان بعد شاه ولي الله رح بابت جيڪي ڪتاب مولانا صاحب جي ڪوشش سان شايع ٿيا، خريد ڪندو رهيس ۽ مولانا صاحب سان ملندو رهيس. انهن ملاقاتن ذريعي جيڪي ڪجھ حاصل ڪندو رهيس سو هيٺينءَ ريت آهي:

ھڪ دفعي فرمايائون تہ آءٌ نوجوانن کي ڏسي ۽ انھن سان ملي ڏاڍو خوش ٿيان ٿو جو مون کي انھن ۾ وڏيون اميدون آھن. آءٌ ڪين چوندس تہ موڪلن ۾ عالمن کان قرآن شريف کان پوءِ موطا امام مالڪ رحہ پڙھن. ان ۾ نہ رڳو عام فھم حديثون آھن مگر خلفاءِ راشدين جا اھم فيصلا پڻ موجود آھن. صحيح بخاري شريف ۾ ڪي حديثون اھڙيون آھن جن جي حقيقتن کي نہ سمجھڻ جي سببان اسان جو نوجوان طبقو، خصوصاً انگريزي خواندو، قبول ڪونہ ڪندو. اسان انھن کي سمجھائي ۽ قبول ڪرائي سگھنداسون مگر عام مولوي کان اھو ڪم ٿي نہ سگھندو، تنھن ڪري اسان جي نوجوانن کي گھرجي تہ قرآن شريف جي مطالعي کان پوءِ امام مالڪ رحہ جي موطا پڙھن. اھو ڪتاب حديث جو بہ آھي ۽ فقھ جو بہ. اسان سان جڏھن بہ ”اھلِ قرآن“ وارن حرم شريف ۾ ملاقات ڪئي ۽ حديث شريف بابت بحث مباحثو ڪيو، تڏھن اُھي بہ موطا کي قبول ڪرڻ جا قائل ٿي ويا...

ھڪ دفعي فرمايائون، تہ تصوف جي تعليم ايتري اھم آھي جيتري ٻئي ڪنھن ديني علم جي. تصوف انسانيت جي اصلي جوھر کي چمڪائي ٿو. فقھ دين جي صورت سان تعلق رکي ٿو ۽ تصوف ان جي روح سان. انسان کي ٻنھي جي ضرورت آھي. جيئن جسم کان سواءِ روح پنھنجا جوھر ظاھري ڪري نٿو سگھي تيئن فقھ کان سواءِ فقط تصوف بہ دين جا جوھر ظاھر ڪري نٿو سگھي. مرحوم دين محمد وفائي ھڪ دفعي مون کي ٻڌايو تہ تصوف جو قائل آءٌ مولانا عبيدالله سنڌي رحہ ڪري ٿيس. مولانا صاحب جي اثر ھيٺ مون شاھ ولي الله دھلوي رحہ جا سمورا ڪتاب تصوف بابت خريد ڪيا. انھن سڀني مان مون کي بہ ڪتاب ”القول الجميل“ ۽ ”ھمعات“ نھايت پسند آيا. ”ھمعات“ ھميشہ منھنجي رھبري پئي ڪئي آھي، ”سطعات“ ڏاڍو اوکو ڪتاب آھي. ان کي سمجھڻ جو ڏاڍو شوق اٿم.

ھڪ دفعي مولانا صاحب لاھور طرف وڃي رھيو ھو ۽ انٽر ڪلاس ۾ سفر ڪري رھيو ھو. حيدرآباد کان آءٌ بہ ان گاڏي ۾ چڙھيس، واٽ تي گاڏيءَ جي ھڪ بيئري سنڌن ماني آندي، پاڻ ڪانٽن ۽ ڇرين سان طعام تناول فرمائڻ لڳا. پر ۾ ھڪ مولوي ويٺل ھون تنھن مولانا صاحب کي چيو تہ ”مولانا ھٿن سان ماني کائڻ سنت آھي.“ مولوي صاحب جو ايترو چوڻ ۽ مولانا صاحب غصي ۾ لال ٿي ويو. فرمايائونس: ”انذا! ڏسين نٿو تہ ھٿن سان نٿو کانوان تہ پيرن سان ٿو کانوان؟“ بس مولوي ويچارو چپ ٿي ويو.

ھڪ ٻئي دفعي فرمايائون تہ جڏھن آءٌ ھن جھان مان ھليو ويندس تڏھن ”ملاء اعليٰ“ ۾ وڃي اھو پروپوزل (رٿ) ڏيندس تہ انگريزن جي شھنشاھيت کي ختم ڪيو وڃي ۽ اوھان ڏسندا تہ ستت ئي انگريزن جي شھنشاھيت ختم ٿي ويندي: ايئن معلوم ٿئي ٿو تہ ھن جھان مان لڏڻ بعد مرحوم مولانا پنھنجي وعدي تي عمل ڪيو.

مرحوم مولانا سان مون کي ايڏي تہ عقيدت ٿي جو جڏھن مون کي فرزند عطا ٿيو تڏھن ان جو نالو ”عبيدالله“ رکيم. مگر منھنجي سس مرحومہ جو خيال ھو تہ ٻار جو نالو ”عبدالرحمان“ رکيو وڃي جو سندس ڏاڏي جو نالو ھو. نيٺ اھو فيصلو ٿيو تہ ٻار جو نالو عبيدالرحمان“ رکيو وڃي جنھن ۾ متيئن نالن جا اھم جزا اچي وڃن ٿا. اسان جي نوجوانن کي گھرجي تہ مولانا عبيدالله رحہ جي زندگي ۽ تعليم جو مطالعو ڪن ۽ پاڻ شاھ ولي الله رحہ جن جو جيڪو فلسفو پيش ڪيو اٿن تنھن کي سمجھڻ جي ڪوشش ڪن.



احمد دين راڄپر

# مذھبي ٺيڪيداري ۽ اسلام جو اصل نصب العين

اڄڪلھ اسلام جا ڪجھ دعويدار اسلام جي جھادي ۽ مزاحمتي پھلو، سرمائيدارن جي ظلم خلاف جدوجھد ڪرڻ، انساني مساوات ۽ انسانيت جي عالمگير مفادن لاءِ ڪم ڪرڻ کي آخرت ۽ رسالت کان انڪار جي برابر سمجھي اھڙيون فتوائون بہ صادر ڪري رھيا آھن. عقيدي ۽ ايمان جي معاملي ۾ ڪنھن تي فتويٰ جاري ڪرڻ لاءِ نوس ثبوتن ۽ شاھدين جي ضرورت ھوندي آھي. دين ۽ ايمان جي معاملي ۾ اھڙي ذميدارانہ روش اختيار ڪرڻ بجاءِ فتويٰ فروشيءَ جي پراڻي ڏنڌي کي جاري رکندي ٺيڪيداريءَ، داداگيريءَ ۽ صوبيداريءَ واري روش اختيار ڪئي وڃي ٿي تہ جيڪڏھن ڪو سندن سوچ ۽ پسند مطابق ڪم نہ ٿو ڪري تہ اھو آخرت ۽ رسالت جو منڪر آھي.

اھي ماڻھو سرمائيدارانہ ظلم جي خلاف جدوجھد ڪرڻ ۽ انساني مساوات ۽ عالمگير انساني مفادن لاءِ ڪم ڪرڻ کي پنھنجي ھٺ ڌوڪي سرمايہ پرست اسلام جي لاءِ خطرو سمجھي رھيا آھن ۽ ان جي موٽ ۾ ھنن اھو رستو اختيار ڪيو آھي، جيڪو ھميشہ تاريخ ۾ استحصالي طبقن جا پڳھاردار ملا مولوي اختيار ڪندا رھيا آھن. يعني اھو تہ فتويٰ جاري ڪري سماج ۾ ظلم جي مزاحمت ڪارن کي آخرت ۽ رسالت جو انڪاري قرار ڏيو ۽ عام مسلمانن جي ذھنن ۾ ان جي خلاف نفرت پيدا ڪري ان کي ڪم کان روڪي وجھو. اھي نام نھاد سرمائيداري جا ايجنٽ سرمائيدارن جي خدمت چاڪريءَ ۽ نوڪريءَ ۾ ماشاءَالله پوري ايمانداريءَ سان ڪم ڪندا رھيا آھن. ڪڏھن تصوف جو ويس پھري ۽ ڪڏھن اسلامي دانشمندي جي ٺيڪيداري جتائيندي اجا بہ ساڳي پڳھار تي سرمائيدارن جي نوڪري ڪندا ۽ نمڪ حلالي ڪندا رھن ٿا.

انھن کي سرمائيدارن خلاف جدوجھد ۽ انساني مساوات لاءِ ڪم ڪرڻ تي ايتري چڙ آھي جو ھو مالدارن خلاف جدوجھد کي قرآن جو ضمني مسئلو قرار ڏين ٿا. تعجب آھي تہ انھن ڪيئن اھو فيصلو ڪري ورتو آھي تہ قرآن ۾ ڪي مسئلا اھڙا بہ آھن جيڪي ضمني آھن! ۽ انھن جي حيثيت نصب العين جي نہ پر فرض ۽ واجب جھڙي آھي ۽ انھن کي نصب العين نہ بنائڻ جي نتيجي ۾ اسلام جي سموري عمارت زير و زبر ٿي وڃي ٿي.

سرمايہ پرست ٽولن جو اھو پراڻو وطيرو رھيو آھي تہ اھي آخرت جي تياريءَ جي نالي تي ماڻھن کي پنيلائيندا رھن ٿا تہ اھو ئي اصل نصب العين آھي ۽ حق جي قيام ۽ ظلم جي خاتمي لاءِ جدوجھد ضمني مسئلا آھن. سلف صالحين مان جن ماڻھن جھاد ۽ قتال کي ديني فرض قرار ڏنو، سياسي آزادين لاءِ جاکوڙيو، دارالعلوم ديوبند جھڙو عظيم ادارو صرف انگريزن کي ملڪ مان تڙي ڪيڻ لاءِ قائم ڪيو، شيخ الھند مولانا محمود الحسن جيڪا انگريزن خلاف سياسي ۽ باغيانہ جدوجھد ڪئي ۽ پنھنجي پوري عمر ان ۾ صرف ڪئي. جن ديوبندي اڪابرن جمعيت علماء ھند قائم ڪري سياسي جدوجھد ۾ عمريون کپايون. جمعيت علماء اسلام جي جن اڪابرن پاڪستان جي سياسي استحڪام ۽ اسلام جي نظام لاءِ جدوجھد ڪئي، ضياء جي

دور ۾ روس خلاف لڙائيءَ جو حصو بڻجڻ بجاءِ ضياء جي مارشل لا خلاف ايم آر ڊي تحريڪ ۾ پوريون توانائيون خرچ ڪيون، انهن کي کهڙي کاتي ۾ وڌو ويندو. ڇا اهي بزرگ ۽ جماعتون انهن دنياوي ۽ ضمني جدوجهدن ۾ زندگيون خرچ ڪري آخرت کان محروم رهجي ويون، ان باري ۾ انهن فتويٰ فروشن وٽ ڪو جواب موجود آهي!

انهن نام نهاد ٺيڪيدارن جو ٻيو حربو جهاد، قتال ۽ معاشرتي ڀلائي ۽ غريبن جي پرگهور لهڻ جهڙن فرضن کي ضمني ڪم قرار ڏئي "مسلماني آساني" جي راهه ڏيکارڻ آهي. نماز، روزو، حج ۽ زڪوات اهڙا فرض آهن، جيڪي انهن جي فرض ڪيل نصب العين جي منشا مطابق آهن. شايد زڪوات کي اهي پنهنجي نصب العين ۾ شامل نہ ڪندا ڇو تہ اها غريبن جي پرگهور لاءِ آهي. باقي نماز روزي ۽ حج کي اهي پنهنجي نصب العين مطابق ڇون ٿا. پر انهن کي اهو ڪنهن بہ طرح سان حق نہ ٿو پهچي تہ اسلام جي ڪجهه فرضن کي نصب العين ۽ ڪجهه فرضن کي ضمني چون. "نصب العين" جي نالي سان ڪوبہ عمل جو مٿاهون رتبو اسلام ۾ ڪونهي، نہ ئي اسلام ۾ شريعت ۾ ڪا شئي فرض ۽ واجب هئڻ ڪانپوءِ ضمني ۽ غير اهم مڃي سگهجي ٿي. ڇاڪاڻ تہ فقهہ ۽ شريعت ۾ قرآن ۽ حديث جي نص قطعي سان ثابت شيءِ کي فرض ۽ واجب جو درجو ڏنو ويو آهي. سڀ کان مٿاهون درجو فرض جو ۽ ان کان پوءِ واجب جو آهي. انهن ۾ فرق ۽ ان کان پوءِ وارن درجن تي بحث نہ ٿا ڪريون. جو مضمون ڊگهو ٿي ويندو. هتي صرف اهو عرض ڪرڻو آهي تہ فرض جو انڪاري ڪافر ۽ مرتد آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو نص قطعي جو انڪار ٿو ڪري. درجي جي لحاظ کان ڪنهن فرض کي ڊي گريڊ ڪرڻ، گهٽائڻ، ان کي غير اهم ۽ ضمني قرار ڏيڻ، نص قطعيءَ کي ڊي گريڊ ڪرڻ، گهٽائڻ ۽ غير اهم قرار ڏيڻ جي برابر آهي. اهو عمل ڪيترو خراب، بڇڙو ۽ گستاخيءَ وارو آهي، ان جو اندازو جيڪڏهن انهن پرمٽڙين کي اڳ ۾ ناهي تہ هاڻي انهن کي ان تي شرم اچڻ گهرجي. اسلام ۾ جيڪا شيءِ فرض آهي اها فرض آهي، ان کي گهٽ وڌ، ضمني يا نصب العين قرار ڏيڻ گناهہ آهي.

ها البتہ هر فرض جو پنهنجو پنهنجو وقت هوندو آهي. جڏهن ڪنهن فرض جو وقت اچي وڃي تہ ان کان ترجيترو گسائڻ بہ گناهہ آهي. پر ان کي ضمني ۽ غير اهم سمجهي ان جو وقت گذاري ڇڏڻ سرڪشي آهي. افسوس آهي تہ اهي مذهبي ٺيڪيدار شريعت جي قوانين جي درجي بنديءَ کان بہ واقف نہ ٿي سگهيا آهن؟! يا هُو نُمري هڻڻ لاءِ ڄاڻي واڻي تجاهل کان ڪم وٺندا رهيا آهن! غلام محمد قادياني جهاد جو انڪار ڪيو ۽ اهڙن مذهبي ٺيڪيدارن جهاد سان گڏ ٻين فرضن کي بہ غير اهم ۽ ضمني قرار ڏئي ڇڏيو!! ان عمل جي سنگينيءَ جو انهن کي ڪو احساس ڪونهي.

مطلب هي آهي تہ فرض سڀ فرض آهن، انهن مان ڪنهن فرض کي ٻئي کان گهٽ يا وڌ، اهم يا غير اهم قرار ڏيڻ غلط آهي پر ڪجهه فرضن جي اهميت جو جيئن تہ انهن انڪار ڪيو آهي ان ڪري آءٌ هتي انهن جي آڏو ان جي اهميت جو مختصر ذڪر ڪري ٿو ڇڏيان. خاص ڪري جن فرضن کي اهي ٺيڪيدار غير اهم سمجهن ٿا يعني انسانيت جي عالمگير مفادن لاءِ ڪم ڪرڻ، معاشي ڀلائي ۽ غريبن جي پرگهور لهڻ جا فرض نڀائڻ ۽ ان کي ضمني قرار ڏين ٿا، يا تہ پنهنجي سوچ ۾ سادگي ۽ جهالت جو شڪار ٿين ٿا يا وري هو ڄاڻي واڻي سرمائيداريت کان پنهنجي مفادن جاري رهڻ جي لاءِ ان قسم جي پروپيگينڊا جي ذميواري نڀاهي پنهنجون پگهارون سجايون ڪن ٿا.



قرآن ۾ الله تعاليٰ حق ۽ باطل جو مثال بيان فرمايو آهي:

اَنۡزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَسَالَتۡ اَوۡدِيَةٌۢ بِقَدَرِهَا فَاحۡتَمَلَ السَّيۡلُ زَبَدًا رَّابِيًا ؕ وَمِمَّا يُوۡقِدُوۡنَ عَلَيۡهِ فِى النَّارِ ابۡتِغَآءَ حِلۡيَةٍ اَوۡ مَتَاعٍ زَبَدٌ مِّثۡلُهٗ ؕ كَذٰلِكَ يَضۡرِبُ اللّٰهُ الۡحَقَّ وَالۡبَاطِلَ ؕ فَاَمَّا الزَّبَدُ فَيَذۡهَبُ جُفَآءً ۚ وَاَمَّا مَا يَنۡفَعُ النَّاسَ فَيَمۡكُثُ فِى الۡاَرۡضِ ؕ (سوره الرعد ١٧)

"اسان آسمان مان پاڻي نازل ڪيو آهي، پوءِ اهو وهڪرن ۾ پيماني مطابق وهي پيو آهي. پوءِ ان پنهنجي مٿان جهاڳ ڪنئي آهي ۽ جيڪي شيون باهہ ۾ ٻاريون ٿيون وڃن، زيورن ۽ سامان حاصل ڪرڻ لاءِ، انهن تي بہ اهڙي جهاڳ آهي. ان طرح الله تعالي حق ۽ باطل جو مثال بيان ڪندو آهي. پوءِ جهاڳ ختم ٿي ويندي آهي ۽ جيڪا شيءِ انسانن کي نفعو ڏيندي آهي اها زمين ۾ قائم رهندي آهي."

هن آيت ۾ الله تعالي بقاءِ انفع جي اصول جي بنياد تي حق ۽ باطل جي سمجهاڻي ڏني آهي، تہ ڪنهن بہ تحريڪ فڪر ۽ دين جي حق هئڻ جو مدار ان تي آهي تہ اهو انسانيت جي ڪيترو فائدي ۾ آهي. يعني انسانيت جو فائدو ۽ نفعو ئي اصل حق ۽ اصل نصب العين آهي. مڙني نبين جي بعثت جو مقصد، ديني اعمالن ۽ فڪرن جو اصل محور اهو آهي. آخرت ۾ جوابدهي جو اصل محور بہ اهو آهي تہ خوف خدا ۽ دينداريءَ جو بنياد بہ اهو آهي.

اهو ئي سبب آهي جو الله تعاليٰ حضرت موسيٰ کي فرمايو: " وَاصۡطَنَعۡتُكَ لِنَفۡسِىۡ " (مون توکي پنهنجي ذات لاءِ ٺاهيو آهي) ان کان پوءِ ڪيس جيڪو ڪم ڏنائين، سو بني اسرائيلن جي فرعون جي غلاميءَ کان آزاديءَ جو ڪم هو. ڪيس فرمايائين.

وَاصۡطَنَعۡتُكَ لِنَفۡسِىۡ ۚ ﴿٤١﴾ اِذۡهَبۡ اَنۡتَ وَاَخُوۡكَ بِاٰيٰتِىۡ وَلَا تَنِيَا فِىۡ ذِكۡرِىۡ ۚ ﴿٤٢﴾ اِذۡهَبَاۤ اِلٰى فِرۡعَوۡنَ اِنَّهٗ طَغٰى ۖ ۚ ﴿٤٣﴾ فَقُوۡلَا لَهٗ قَوۡلًا لَّيِّنًا لَّعَلَّهٗ يَتَذَكَّرُ اَوۡ يَخۡشٰى ﴿٤٤﴾ قَالَا رَبَّنَاۤ اِنَّنَا نَخَافُ اَنۡ يَّفۡرُطَ عَلَيۡنَاۤ اَوۡ اَنۡ يَّطۡغٰى ﴿٤٥﴾ اِنَّا رَسُوۡلَا رَبِّكَ فَاَرۡسِلۡ مَعَنَا بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ ۙ وَلَا تُعَذِّبۡهُمۡ ؕ (سوره طه- ٤١ کان ٤٧)

(اي موسيٰ مون توکي پنهنجي لاءِ ٺاهيو آهي. تون ۽ تنهنجو ڀاءُ منهنجي نشانين سان وڃو. ۽ ڏسو منهنجي ياد ۾ ڪوتاهي نہ ڪجو. ٻئي فرعون ڏانهن وڃو، ان سرڪشي اختيار ڪئي آهي. ان سان نرميءَ سان ڳالهہ ڪجو شايد هو سمجهي وڃي يا ڊڄي وڃي. ٻنهي چيو اسان جا پالڻهار اسان ڊڄون ٿا تہ اهو اسان تي زيادتي ڪندو سرڪشي ڪندو. الله چيو ڊڄو نہ، بيشڪ آءٌ اوهان سان گڏ آهيان، ٻڌان ۽ ڏسان ٿو. وڃو ڪيس چئو اسان ٻئي تنهنجي رب جا رسول آهيون تہ اسان سان گڏ تون بني اسرائيلن کي آزاد ڪر)

هڪ اولوالعزم نبي، جنهن کي الله تعاليٰ چئي تہ توکي مون پنهنجي ذات لاءِ پيدا ڪيو آهي ۽ پوءِ ان کي ڪمزور ۽ ضعيف ۽ غلام انسانن جي آزاديءَ جي ذميواري ڏئي، ڇا اها ڳالهہ اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي ناهي تہ انساني مفادن لاءِ ڪم ڪرڻ الله لاءِ ڪم ڪرڻ برابر آهي!. ۽ اهو ڪم الله جو ڪم ڪيئن نہ چئجي جنهن جي ڪرڻ جو الله اعلان فرمايو آهي.

وَنُرِيۡدُ اَنۡ نَّمُنَّ عَلَى الَّذِيۡنَ اسۡتُضۡعِفُوۡا فِى الۡاَرۡضِ وَنَجۡعَلَهُمۡ اَئِمَّةً وَّنَجۡعَلَهُمُ الۡوٰرِثِيۡنَ ۙ ﴿٥﴾ وَنُمَكِّنَ لَهُمۡ فِى الۡاَرۡضِ وَنُرِىَ فِرۡعَوۡنَ وَهَامٰنَ وَجُنُوۡدَهُمَا مِنۡهُمۡ مَّا كَانُوۡا يَحۡذَرُوۡنَ ﴿٦﴾ (القصص – ٥،٦)

"۽ اسان گهريو تہ جن کي زمين ۾ ڪمزور ڪيو ويو تن تي احسان ڪريون ۽ انهن کي اڳواڻ بڻايون ۽ انهن کي وارث ڪريون ۽ انهن جو زمين ۾ دٻدٻو ڪريون ۽ فرعون ۽ هامان ۽ سندس لشڪرن کي انهن (ضعيفن) کان اها ڳالهہ ڏيکاريون جنهن کان ڊنا ٿي."

انسانن کي انسانن جي غلاميءَ کان آزاد ڪرائڻ ڪيترو اهم آهي، سو هن آيت ۾ بہ ڏسي

سگهجي ٿو جنهن ۾ نبي ڪريم ﷺ اهل ڪتاب کي دعوت ڏيندي فرمايو آهي.

قُلْ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ تَعَالَوْا اِلٰى كَلِمَةٍ سَوَآءٍۢ بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ اَلَّا نَعْبُدَ اِلَّا اللّٰهَ وَلَا نُشْرِكَ بِهٖ شَيْـًٔا وَّلَا يَتَّخِذَ بَعْضُنَا بَعْضًا اَرْبَابًا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ (آل عمران ٦٤)

”چئُ ته اي ڪتاب وارو! (هن) هڪ ڳالهه ڏي اچو جا اسان ۽ اوهان جي وچ ۾ برابر (مجيل) آهي ته الله کانسواءِ ڪنهن جي عبادت نه ڪريون ۽ نه ان سان ڪنهن به شيءِ کي شريڪ ڪريون ۽ نه اسان مان ڪي الله کانسواءِ ٻين کي پنهنجا پاليندڙ ڪري وٺن.“

’پاڻ مان هڪڙا انسان ٻين کي پنهنجو رب نه بنائن‘ جو مطلب ان کانسواءِ ٻيو ڪهڙو آهي، ته سڀئي انسان ٻين انسانن جي غلاميءَ کان آزاد ٿي هڪ الله جي غلامي ۽ عبديت قبول ڪن. انهيءَ ڪري جيڪي ماڻهو ٻين انساني غلاميءَ جي طوقن ۾ ڦاٿل آهن، انهن کي نجات ڏيارڻ لاءِ مزاحمت ڪرڻ نبوت جي مقصدن ۾ شامل آهي.

الله تعالي ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

وَهَدَيْنٰهُ النَّجْدَيْنِ ۝١٠ فَلَا اقْتَحَمَ الْعَقَبَةَ ۝١١ (سوره البلد-١٠، ١١)

”اسان انسان کي ٻه واٽون ڏيکاريون آهن. پر اهو چاڙهي چڙهي نه سگهيو“

يعني هڪ واٽ آهي جيڪا بلنديءَ طرف ٿي وڃي. اها چاڙهيءَ واري واٽ آهي، سا انسان چڙهي نه سگهيو آهي. ٿورو توجه ڪيو‘ هيءَ چاڙهيءِ واري واٽ، جنهن تي انسان اڄ به نه چڙهي سگهيو آهي، ان جي آڏو رڪاوٽون ۽ آڏا جبل آهن. وڏا وڏا روڙا ۽ اٽڪاءُ آيل آهن. دنيا جي سرمائيدارن، جاگيردارن، سامراجي قوتن ۽ انهن جي مذهبي رهبانيت اوڊيل ايجنٽن طرفان ان واٽ آڏو بند ٻڌا ويا آهن. الله تعاليٰ پاڻ پنهنجي ٻانهن کي ٻڌائي ٿو ته:

وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا الْعَقَبَةُ ۝١٢ (سوره البلد-١٢)(اها چاڙهي ڪهڙي آهي؟)

مٿاهون ۽ بلند نصب العين ڪهڙو آهي؟ جنهن تي انسان فائز نه ٿي سگهيو آهي!؟

الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

فَكُّ رَقَبَةٍ ۝١٣ اَوْ اِطْعٰمٌ فِيْ يَوْمٍ ذِيْ مَسْغَبَةٍ ۝١٤ يَّتِيْمًا ذَا مَقْرَبَةٍ ۝١٥ اَوْ مِسْكِيْنًا ذَا مَتْرَبَةٍ ۝١٦ (سوره البلد-١٣-١٦)

”اهو ٻانهي کي آزاد ڪرائڻو آهي. يا بک جي ڏينهن کاڌو کارائڻو آهي. مٿيءَ مائٽي واري يتيم کي. يا مٽيءَ ۾ رُليل مسڪين کي.“

سماجي انصاف ۽ معاشي مساوات جا منڪر اهي مذهبي ٺيڪيدار ٻل انڪار ڪن، اڪيون ٻوٽي ڇڏن، هن بلند واٽ کان نابري واري ويهي رهن، اهي ڀل هنن قطعي نصوص کي گهٽ، غير اهم ۽ ضمني قرار ڏئي ڇڏين، پر جيڪي ماڻهون اکيون کولي، شرح صدر سان هنن آيتن کي ڏسندا، سي غريبن جي پرگهور کي ضمني ۽ غير اهم ڪونه سمجهندا. ڇا سورة ماعون ۾ غريبن کي کارائڻ جي ترغيب نه ڏيندڙ کي قيامت جو منڪر سڏيو ويو آهي.

اَرَءَيْتَ الَّذِيْ يُكَذِّبُ بِالدِّيْنِ ۝١ فَذٰلِكَ الَّذِيْ يَدُعُّ الْيَتِيْمَ ۝٢ وَلَا يَحُضُّ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِيْنِ ۝٣

”اي (پيغمبر) ڇا توان کي ڏٺو جو (عملن جي) بدلي ملڻ کي ڪوڙو ڪري ٿو. پوءِ هي اهو جو يتيم کي لوڏي ٿو ۽ مسڪين کي کاڌي کارائڻ جي رغبت (به) نه ٿو ڏئي.“

سرمائيداريت ۽ سرمايه پرستي کي قرآن بار بار ننديو آهي ۽ اٺهوند وارن جي پرگهور نه لهڻ ۽ سرمائي کي خدا جي حڪمن پٽاندڙ عوام ۾ نه ورهائڻ تي بار بار وعيد ڏني وئي آهي. هتي قرآن شريف جو هي انتباهه ڪيڏو نه اهم آهي جنهن ۾ جهنمين کان پڇيو ٿو وڃي ته:

مَا سَلَكَكُمْ فِيْ سَقَرَ ۝٤٢ قَالُوْا لَمْ نَكُ مِنَ الْمُصَلِّيْنَ ۝٤٣ وَلَمْ نَكُ نُطْعِمُ الْمِسْكِيْنَ ۝٤٤ (المدثر- ٤٢ کان ٤٤)



” اوهان کي ڪهڙي ڳالهه جهنم ۾ وڌو آهي؟ چوندا اسان نماز نه پڙهندا هئا سين ۽ مسڪينن کي نه کارائيندا هئا سين“

حقيقت ۾ روڳي مذهبيت جا اهي نمائندا هر دور ۾ پنهنجي مددگار ۽ معاون مالدارن ۽ سرمائيدارن کي خوش رکڻ لاءِ ديندارِيءَ جون اهڙيون تعبيرون عوام کي ٻڌائيندا رهيا آهن جنهن سان سرمائيداريت کي ڪو به لوڏو ۽ لهر نه پهچي انهن ناعاقبت انديش ماڻهن کي قرآن حڪيم جي هيٺين آيت به ڪڏهن خدا جو خوف نه ڏياري سگهي آهي.

وَاِنَّ لَنَا لَلْاٰخِرَةَ وَالْاُوْلٰى ۝١٣ فَاَنْذَرْتُكُمْ نَارًا تَلَظّٰى ۝١٤ (الليل — ١٣ کان ١٤)

”۽ بيشڪ آخرت ۽ دنيا اسان جو ئي آهن تنهن ڪري مون اوهان کي اهڙي باهه کان ڊيڄاريو آهي جا ڀڙڪا ڪري ٿي.“

ڇا سرمائيدارن ۽ مالدارن سان هي الله جي طرفان اعلان جنگ ناهي!! الاهي نظام جو بنياد جتي ڏيڻ تي آهي اتي سرمائيدارانه نظام جو بنياد جائز ناجائز طريقي سان منافعو ميڙڻ، استحصال ۽ لٽ مار تي هوندو آهي. انهن سان وڙهڻ جي ڳالهه کي اهي ڀل ڪفر ۽ ڪميونزم سان تعبير ڪن، پر سرمائيداري نظام جي بنيادي ڏوهه وياج کائڻ وارن سان الله جيڪو جنگ جو اعلان ڪيو آهي ان کي اهي ڪهڙي کاتي ۾ وجهندا!؟

غريبن جي پرگهور لهڻ، جنهن جو الله حڪم به ڪري ۽ بجاءِ آوري نه ڪرڻ تي سزا به ڏئي يعني جنهن عمل جي ترغيب به ڏني وئي هجي ۽ ترهيب به ڏني وئي هجي، ڇا اهو عمل انهن جي نظر ۾ غير اهم ۽ ضمني آهي؟!. انهن مت جي ماريل ماڻهن کي ڪهڙي ميار ڏجي جو اهي وَٽ ۽ ترازي ڪٽي قرآن جي آيتن کي تورڻ ۽ حصا پتيون ڪرڻ لڳا آهن ته هيترا حصا قرآن هِن مقصد لاءِ هيترا هُن مقصد لاءِ آهي. حالانڪ شريعت ۾ هڪ قطعي نص جي اهميت هوندي آهي، انهن وٽ ته معيار اهو آهي ته قرآن جا ٽي حصا روحانيت وغيره لاءِ آهن، ان ڪري چوٿين حصي قرآن جي ڪا به اهميت ڪونهي، ته پوءِ اسان انهن کي ڇا ٿا سمجهائي سگهون. جيڪڏهن قرآن جا حصا پتيون ڪرڻ جائز هجي ها ته اسان انهن کي ڳڻي ٻڌايون ها ته قرآن ۾ انساني فائدي ۽ غريبن جي پرگهور لاءِ ڪيتريون آيتون آهن.

الله تعاليٰ قرآن ۾ خرچ ڪرڻ جو حڪم فرمايو آهي. ان ئي عمل کي زڪواة سان به تعبير ڪيو آهي ۽ ان کي صدقات به سڏيو آهي. هيءُ اسلام جي اجتماعي نظام جو هڪ اهم بنياد آهي. اسلام جو نظام زڪواة ۽ صدقات جي ذريعي ئي معاشري جي مالدارن کان وصوليون ڪري غريبن ۽ پوئتي پيل ماڻهن جي سهائتا ڪندو آهي. اسلامي نظام ۾ هيءُ هڪ مستقل انتظامي صورت رکندڙ عمل آهي. سموري نظام سلطنت جي افاديت جو پورو مدار ان تي آهي. قرآن ۾ نبي ﷺ کي حڪم آهي:

خُذْ مِنْ اَمْوَالِهِمْ صَدَقَةً (التوبه ١٠٢) ”انهن کان انهن جي مالن مان صدقات وٺ“

مصارف زڪوات واري آيت مان معلوم ٿئي ٿو ته اسلام ۾ زڪوات جي وصولي لاءِ، ان جي نظام ۽ انتظام لاءِ هڪ وسيع عملو به مقرر هو. جنهن عملي کي زڪوات جي مال مان ڏيڻ، مصارف زڪوات طور بيان ڪيو ويو آهي.

نبي ﷺ جن فرمايو: ان الله قد فرض عليهم صدقة تؤخذ من اغنيائهم وترد علیٰ فقرائهم، (الله انهن تي زڪوات فرض ڪئي آهي، جيڪا انهن جي شاهوڪارن کان ورتي ويندي ۽ ضرورتمندن ڏانهن موٽائي ويندي.) يعني اهو سڀ هڪ نظام جي صورت ۾ ٿيندو. هاڻي

جيڪڏهن ڪو شخص يا جماعت ان نظام جي قيام لاءِ آواز اٿاري ٿو ته اهي سرمائيداريت جا دلال چون ٿا ته اهو دين جو ضمني مسئلو آهي ۽ اصل نصب العين ڪونهي.

اهي سماجي انصاف جا مخالف زڪوات جي هن قسم جي نظام جي اهميت ڪي گهٽ چون، ضمني چون، يا ڪجهه به چون، چئي سگهن ٿا! ڇو ته اهي اڪيون ٻوٽي چڪا آهن. اهي سرمائيدارن جي پگهار حلال ڪرڻ ٿا گهرن؛ پر الله، جيڪو حقيقي رزاق آهي، تنهن جو رزق حلال ڪرڻ گهرن ها ته اهي نظام زڪوات جي اهميت جو ڪڏهن به انڪار نه ڪن ها. ڇاڪاڻ ته الله جي فضل، انعامن ۽ نعمتن جو حقيقي شڪر الله جي بندن تي خرچ ڪرڻ سان ئي ادا ٿيندو آهي. مراقبن سان ڪونه ٿيندو آهي. الله تعاليٰ دنيا جي مقابلي ۾ جنهن شيءِ اختيار ڪرڻ جي تلقين ڪئي آهي، سا غريبن جي پرگهور لهڻ آهي. الله فرمايو آهي: ” لَا تَنْسَ نَصِيْبَكَ مِنَ الدُّنْيَا وَ اَحْسِنْ كَمَآ اَحْسَنَ اللّٰهُ اِلَيْكَ “ (القصص٧٧) (دنيا ۾ پنهنجي حصو پل نه وسار، البته جيئن الله تو سان احسان ڪيو آهي تيئن تون به احسان ڪر). يعني غريبن مسڪينن کي ڏي.

ڇا سرمائيداريت جي انهن وڪيلن کي خبر آهي ته زڪوات جي انڪار ڪرڻ وارن جي خلاف حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه لڙائي ڪئي هئي! ڇا اهي ان کان به ڄاڻي واڻي انڪار ڪندا ته ڪيترن صحابن ڪين ان معاملي ۾ نرمي ڪرڻ جو مشورو ڏنو، تنهن باوجود حضرت ابوبڪر رضي الله عنه انهن خلاف لڙائي کي ترجيح ڏني ۽ فرمايو ته جيڪو اٺ سان گڏ ان جي مهار زڪوات ۾ ڏيندو هو، سو اٺ ڏيندو ۽ مهار ڏيڻ کان انڪار ڪندو ته ان سان به جنگ ڪندس.“

اهي قبا پوش مذهبي ٺيڪيدار ٻڌائن ته غريبن جي پرگهور لهڻ وارو هيءُ زڪوات جو نظام ضمني ۽ غير اهم هو ته حضرت ابوبڪر صديق ڇو ان ۾ نرمي اختيار نه ڪئي ۽ مسلمانن جي زڪوات جي انڪار ڪرڻ واري گروهه کي مرتد قرار ڏئي ڇوانهن سان جنگ ڪئي؟.

قرآن حڪيم ۾ الله تعاليٰ صاف صاف پنهنجي مشيت بيان فرمائي آهي ته دولت سرمائيدارن جي وچ ۾ گردش نه ڪري. اها گردش تڏهن ختم ٿيندي جڏهن دولت تقسيم ٿيندي. اها صدقات جي صورت ۾ تقسيم ٿيندي. اها طبقاتي تقسيم حد کان وڌي ويندي ته حق للسائل والمحروم يعني سائلن ۽ محرومن جي حق طور اضافي ٽيڪس جي صورت ۾ واپس ورتي ويندي ۽ جيڪڏهن ناجائز طور ڪمايل آهي ته به واپس سرڪاري خزاني ۾ ورتي ويندي، جيئن حضرت عمر بن عبدالعزيز ڪيو هو.

ڇا دولت جي متوازن تقسيم جي نظام جي قيام کان سواءِ اسلامي ڀلائيءَ جو انساني افاديت وارو تصور شرمنده تعبير ٿي سگهي ٿو!؟ پر انهن جي نظر ۾ اسلامي ڀلائيءَ جو انساني افاديت وارو پهلو ضمني ۽ غير اهم آهي ۽ اسلام صرف ’تزڪيہ نفس‘ جو نالو آهي. ۽ اهو انهن وارو ’تزڪيہ نفس‘ خبر ناهي ڪهڙو آهي. قرآن ۾ ته آهي، ته غريبن جي پرگهور لهڻ ۽ انهن تي مال خرچ ڪرڻ سان ئي تزڪيو ٿي سگهي ٿو. جيئن فرمان آهي:

وَ سَيُجَنَّبُهَا الْاَتْقَى ﴿١٧﴾ الَّذِىْ يُؤْتِىْ مَالَهٗ يَتَزَكّٰى ﴿١٨﴾ (الليل – ١٨،١٧)

”ان ڇپن واري باهه کان جلد اهو بچندو جيڪو وڏيڪ متقي آهي، جيڪو پنهنجو مال ڏئي تزڪيو اختيار ٿو ڪري.“

هن آيت جو سياق سباق مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي.

مٿي نبي ﷺ کي زڪوات وصول ڪرڻ جي حڪم واري آيت جو مون صرف حڪم وارو حصو ذڪر ڪيو، باقي حصو مون هن موقعي لاءِ ڇڏيو، اهو ڏسو ته ڪيئن ان مان ثابت ٿئي



ٿو ته زڪوات ڏيڻ سان ئي ماڻهوءَ جي تطهير ۽ تزڪيو ٿئي ٿو. فرمان آهي:

خُذْ مِنْ اَمْوَالِهِمْ صَدَقَةً تُطَهِّرُهُمْ وَتُزَكِّيْهِمْ (التوبہ ١٠٢)

(انهن کان انهن جي مالن مان صدقو وٺ، انهن کي پاڪ ڪر ۽ انهن جو تزڪيو ڪر.)

نبي ڪريم ﷺ جن جنهن دعوت، محنت ۽ جدوجهد جي شروعات بعثت کان وٺي ڪرڻ فرمائي، جنهن جو آخري نتيجو قرآن جي فرمان مطابق استخلاف في الارض ۽ تمڪن في الارض جي صورت ۾ برآمد ٿيڻو هو ۽ پوءِ ائين ٿيو جو نبي ﷺ مسلمانن جي هڪ عظيم سلطنت جو پايو وڌو. جنهن وڏيون ڪاميابيون ماڻيون، مسلمانن جي انهيءَ عظيم سلطنت جي پوري مشينري نبي ﷺ، صحابہ، تابعين ۽ تبع تابعين تي مشتمل هئي، هي دنيا جي پهرين عظيم سلطنت ۽ رياست هئي جيڪا ماڻهن جي ڀلي لاءِ قائم ٿي هئي. هن سلطنت جو ثمر ۽ ڦل انساني آزادي، امن، بک کان نجات، خوشحالي ۽ بي خوفي ۽ طمانيت واري زندگي هو.

اي مذهبي ٺيڪيدارؤ هڪڙي رياست جو قيام ۽ ان جي مشينري طور رسول الله ﷺ جو عمل ۽ صحابہ جو تعامل اهي سڀ ڳالهيون ڇا اهو ٿيون ٻڌائين ته دنياوي اصلاح، انساني افاديت ۽ غريبن جي ڀلي لاءِ ڪم ڪرڻ ضمني مقصد آهي؟. دين جي پوري محنت جي نتيجي ۾ جيڪا شيءِ الله تعاليٰ مؤمنن کي عطا ڪرڻ جو واعدو ڪري ۽ وري پوءِ عطا ٿئي. ان ۾ رسول الله جو عمل ۽ صحابہ جو تعامل شامل هجي! ڇا توهان جي نظر ۾ اهو ضمني مقصد آهي؟

حقيقت هي آهي ته اُهي جنهن تزڪيہ نفس جي نصب العين هئڻ جي ڳالهه ڪن ٿا، ۽ ان لاءِ جنهن طريقي جي دعوت ڏين ٿا. ذڪر جون محفلون، مراقبن جون مجلسون منعقد ڪن ٿا، ڇا اهڙا طريقا رسول الله جي سنت ۽ تعامل صحابہ مان اهي ثابت ڪري سگهن ٿا؟ آئون دعويٰ سان چوان ٿو ته اهي ان لاءِ ڪئين ڳالهيون ڪري سگهن ٿا پر سنت ۽ صحابہ جو تعامل ثابت نه ٿا ڪري سگهن.

پر پوءِ به اهي بضد آهين ته سندن ڪم نصب العين آهي. ۽ سنت ۽ تعامل صحابہ مان ثابت عمل ضمني ۽ غير اهم آهن. ته پوءِ ڪين پنهنجي ايمان تي ويچارڻ گهرجي، بجاءِ ان جي جو اهي ٻين تي فتوائون جاري ڪن. ڇاڪاڻ ته رسول الله ۽ صحابہ جو تعامل قطعي حجت جي حيثيت ٿو رکي ۽ قطعي حجت جو انڪار ڪفر برابر آهي. اهي انڪار نه ٿا ڪن ته رسول الله ۽ صحابہ جي تعامل کي غير اهم ۽ ضمني قرار ڏئي ڪهڙو ڪم ٿا سرانجام ڏين!؟

اهي مذهبي ٺيڪيدار اسلام جي حقيقت، ان جي نصب العين ۽ روح کي سمجهڻ لاءِ مستند عالمن، مستند ماهرن ۽ سلف صالحين جي تحريرن کي ضروري قرار ڏين ٿا پر اهي ٻڌائي سگهن ٿا ته ڪهڙو مستند عالم ۽ سلف صالح آهي جنهن جهاد، قتال، معاشرتي ڀلائي ۽ غريبن جي پر گهور کي فرض قرار ڏيندي ان کي ضمني قرار ڏنو آهي.

ها پوئين دور جا ڪي عالم اهڙا پيدا ٿيا آهن جن جهاد ۽ قتال جي فرضيت ۽ اهميت جو انڪار ڪيو آهي. صوفياء ڪرام ۾ هڪڙا مسلمانن جا مجيل مڪتب فڪر آهن، تن کي ڇڏي ڪن دين جي معاملي ۾ جهاد ۽ قتال کان اڻ ٻوليو انحراف ۽ پرهيز جي راهه اختيار ڪئي آهي. موجوده دور جي سرمايہ پرستن جي دلال هنن ماڻهن انهن جي تسلسل طور، بلڪ انهن کان ٻہ قدم اڳتي وڌي، معاشرتي ڀلائي، غريبن جي پرگهور لهڻ جهڙن بي شمار ڪمن کي به ان انحراف ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي.

مولانا عبدالسلام سومرو

# وقت جي اهميت

پيسو ۽ وقت ٻئي انسان لاءِ الله تعاليٰ جون ڏنل نعمتون آهن. دولت ظاهري شيءِ آهي جيڪا ڪنهن کي گهٽي ۽ ڪنهن کي ٿوري ملندي آهي، پر هر هڪ انسان کي زندگي جو ڏينهن هڪ جيترو ملندو آهي، جيڪو چوويهه ڪلاڪ هوندو آهي ۽ هي چوويهه ڪلاڪ ٻه هر هڪ کي برابري جي بنياد تي ڏنا ويا آهن.

فيثاغورث چيو ته انسان سالن تائين جوان هوندو آهي، پر جيڪڏهن وقت کي صحيح ۽ بهتر طريقي سان خرچ ڪري ته ڪلاڪن ۾ پختو پوڙهو يعني تجربيڪار بڻجي ويندو آهي.

هڪ ٻئي بزرگ چيو آهي ته انسان کي هر وقت اها شي سکڻ گهرجي جنهن کان جاهل رهڻ ۾ ان کي شرمندگي ٿئي.

صوفياء ڪرام ٻه چون ٿا ته وقت تلوار جيان آهي. فلاسافرن چيو ته وقت وهندڙ شيءِ آهي، جنهن کي سڪون ۽ قرار (ماٺ) ناهي. الله تعاليٰ فرمايو آهي ته هر ڪم جي لاءِ وقت آهي. پر انسان موت جي وقت کي نٿو ڄاڻي. انبياءِ عليه السلام جن نصيحت ڪئي آهي ته وقت کان هوشيار رهو، باخبر رهو ۽ ان کي برباد نه ڪيو. وقت کي فصول ڳالهين ۾ نه وڃايو ڇو ته هر هر گهڙي جو انسان کي حساب ڏيڻو آهي.

صدين جي تجربن مان معلوم ٿئي ٿو ته دنيا ۾ جيتريون ٻه ڪامياب ۽ عظيم هستيون گذريون آهن، انهن سڀني جي ڪاميابي جو راز وقت جو قدر ۽ ان جو صحيح استعمال هيو. سورة العصر جي تشريح ۾ امام شافعي وقت ۽ زماني گذرڻ جو مثال برف سان ڏنو آهي. جيڪڏهن ماڻهو خريد ڪن ٿا ته هو ڪمائيندو نه ته نقصان کي منهن ڏيڻو پوندس. وقت ٻه ائين آهي جيڪڏهن وقت جو قدر ڪيو ويندو ته فائدو ئي فائدو آهي، نه ته نقصان ئي نقصان آهي. هڪ حديث شريف ۾ آهي ته قيامت جي ڏينهن انسان جا قدم اڃا پنهنجي جاءِ تان ڪونه هٽندا ته هنن کان سوال ڪيو ويندو ته توهان پنهنجي جواني ڪاٿي خرچ ڪئي، علم جيڪو اوهان وٽ هيو، ان تي ڪيترو عمل ڪيو، مال ڪيئن ڪمايو ۽ ڪاٿي خرچ ڪيو. حضرت ابو بڪر صديقؓ دعا ڪندا هئا ته ”اي الله، مون کي اندهيري ۾ نه رهاءِ، منهنجن ڪوتاهين جي ڪري مون تي پڪڙ نه ڪر ۽ مون کي وقت کان بي پرواهه نه بڻاءِ“. حضرت عمرؓ دعا گهرندا هوئا ته ”اي الله! منهنجي لاءِ وقت ۾ برڪت فرماءِ. ان کي صحيح خرچ ڪرڻ جي توفيق عطا ڪر“. حضرت جنيد بغداديؒ وقت ۽ احتساب جي باري ۾ فرمائيندو هو ته: ”تون هر گهڙي هن ڳالهه کي ڏسندو رهه ته الله تعاليٰ جي ڪيترو قريب آهين ۽ شيطان کان ڪيترو پري. جنت جي ڪيترو ويجهو آهين ۽ جهنم کان ڪيترو پري.“

وقت جو وڏو دشمن سستي ۽ ٽوٽائپ آهي. ڇا اوهان سان ڪڏهن ائين ٿيو آهي جو توهان ڪنهن ڪم ڪرڻ جو ارادو ڪيو ۽ ان جي لاءِ منصوبه بندي ٻه ڪئي پر ان تي عمل نه ٿيو. ٿوري دير جي ڪري ڪنهن ٻئي شخص هي ڪم پورو ڪيو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو توهان پنهنجو مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا ۽ ٻيو شخص ترقي ڪري ويو. ڇو ته اوهان سستي جو مظاهرو ڪيو.



سستي ۽ ٽوٽائپ هڪ اهڙي انتهائي خطرناڪ بيماري آهي، جنهن جي ڪري مقاصد زندگي جو واضح نه ٿيڻ، ترجيح واري شين جو متعين نه ٿيڻ، اهم ۽ جلدي واري ڪمن جي باري ۾ شعور جي ڪمي جو پيدا ٿيڻ، اطمنان ۽ خيالي پلاءَ پچائڻ واري تصور جي گهٽائپ، ناڪامي جي ڪري خوف، پنهنجي ذات کي حقيقت کان بلند محسوس ڪرڻ، حالات ۽ ضرورتن جي باري ۾ مطلوبه صلاحيتن جي گهٽتائپ ۽ ڪمزور ارادن جهڙيون اوڻايون پيدا ٿي وڃن ٿيون. سستي، انسان زندگي ۾ مادي طور ته نقصان ڪار آهي ئي، پر دين جي معاملي ۾ ٽوٽائپ ڪجهه وقتن تي ته نفاق جي درجي تي پهچائيندڙ آهي. نماز جي معاملي ۾ ٽوٽائپ قرآن شريف جي مطابق منافقن جي نشانين مان هڪ نشاني آهي.

سستي هڪ اهڙو مرض آهي، جنهن جو علاج ڇڙو تصور ڪرڻ سان نه ٿيندو آهي. پر هي علاج نفس سان جهاد ڪرڻ سان ٿيندو آهي.

## وقت کي ضايع ٿيڻ کان بچايو

اسان مان هر هڪ جو وقت قيمتي آهي ۽ ان امانت جو هر هڪ کي حساب ڏيڻو آهي. ان جي ڪري اسان سمورن يعني توهان ۽ اسان جو وقت هر هڪ لاءِ امانت آهي. ان جي لاءِ گهرجي ته اسان جيڪڏهن پنهنجو وقت نٿا وڃايون پر ٻئي جو وڃايون پيا ته اسان امانت ۾ خيانت وارن مان آهيون. هن ڳالهه کي ذهن نشين رکڻ گهرجي ته اسان پنهنجي وقت کي ضايع ڪرڻ سان گڏ ٻئي جي وقت کي ضايع نه ڪريون. هر ڪم کي ڪرڻ جي لاءِ هڪ فطري ترتيب هوندي آهي. انهيءَ ڪري جيڪڏهن ڪوئي پنهنجو وقت بچائڻ گهري ٿو ته ڪيس فطري ترتيب کي ذهن ۾ رکي ڪم ڪرڻو پوندو.

فطري ترتيب جا ڪيترائي پهلو آهن. الله تعاليٰ جيڪو وقت سمهڻ لاءِ ٺاهيو آهي ان ۾ آرام ڪجي ۽ جيڪو وقت گهمڻ ڦرڻ لاءِ ٺاهيو آهي، انهيءَ وقت ۾ اهوئي ڪم ڪرڻ گهرجي. هاڻي جيڪڏهن ڪو ماڻهو رات جو ڪم ڪرڻ گهري ۽ ڏينهن جو آرام ڪري ته يقينا اهڙو ماڻهو پنهنجي وقت جو غلط استعمال ڪري ٿو.

فطري ترتيب سان گڏ انساني زندگي ۾ هڪ نظم و ضبط ۽ ترتيب هجڻ گهرجي. نظم و ضبط ۽ ترتيب وقت بچائڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن شيءِ کي ڳولڻ ۾ چڱو خاصو وقت ضايع ٿئي ٿو. روزمره جي شين کان علاوه ڪجهه اهڙيون شيون ٻه هونديون آهن، جن کي ٻه پنهنجي جاءِ تي رکڻ گهرجي. ڇو ته ضرورت پوڻ تي انهن جي ڳولڻ ۾ وقت ضايع ٿيندو آهي. گهڻن ماڻهن کي ڏٺو ويو آهي جو اهو ڪڏهن ڪڏهن ڪا شيءِ مثلا عينڪ وغيره، ڪنهن جڳهه تي رکندا آهن ۽ ڳولا لاءِ ڪيترن هنڌن کي ڳولي وٺندا آهن. جنهن جي نتيجه ۾ وقت جو ڪجهه حصو زيان ٿي ويندو آهي.

اسان کي زندگي ۾ اهڙي طرح جا ڪيترائي مثال ملن ٿا. ٽوپي ڪاٿي رکي سين، نٿي ملي، يا ڪنهن شخص ڪنهن کان قلم ورتو، واپس ڪيائين يا نه وغيره. هي سڀ شيون ان لاءِ درپيش ٿين ٿيون جو اسان جي زندگي ۾ ڪائي ترتيب ٺهيل ناهي. اسان اهڙي ترتيب نٿا ٺاهيون

جو ڪھڙيون شيون روزمره جون آهن ۽ ڪھڙين شين کي ڪڏھن ڪڏھن استعمال ڪيو ويندو آهي. انهن حالتن کان بچڻ لاءِ پنهنجي زندگي ۾ اهڙي ترتيب قائم ڪرڻ گھرجي جو هر شيءِ جي لاءِ جڳھ متعين هجي ۽ ان مقرر جڳھ تي رکڻ گھرجي. اهڙي نموني سان بہ چڱو خاصو وقت بچي ويندو.

هڪڙي شيءِ جنهن ۾ اسان جو چڱو ڀلو وقت ضايع ٿئي ٿو، اهو آهي ڪم کي آخري وقت ۾ ڪرڻ. هيءَ ڳالھ ياد رهڻ گھرجي تہ ڪم ڪيترو ئي آسان ڇو نہ هجي، ان کي ڪرڻ ۾ ممڪن آهي جو ڪا مشڪل پيش ٿئي ۽ اهو ڪم ان وقت ۾ نہ ٿي سگھجي. جيڪڏھن ڪا مشڪل نہ بہ اچي، پر ٿئي سگھي ٿو جو ان کي هنگامي طور تي پورو نہ ڪري سگھو.

جيڪڏھن اوهان کي ڪوئي ڪم ڏنو وڃي تہ جيڪو اٺن ڏينهن اندر اوهان کي ڪرڻو هجي ۽ ان کي اوهان آخر اٺين ڏينهن لاءِ رکو، تہ يقين ڪريو تہ اهو ڪم اٺين ڏينهن بہ نہ ٿي سگھندو. جيڪڏھن ٿئي بہ وڃي تہ اهو غير معياري هوندو. تنهن ڪري گھرجي تہ ڪمن کي پھرين فرصت ۾ ڪرڻ جي عادت بڻايو.

وقت مال وانگر ئي آهي. هڪ ملڪيت آهي، انهن جي استعمال ۾ مياڻ روي ۽ تدبر اختيار ڪجي. مال کي ماڻھو گڏ ذخيره اندوزي بہ ڪري سگھي ٿو، پر وقت ۽ زماني لاءِ ائين ڪرڻ ممڪن ئي ناهي.

زماني ۽ وقت جي قدر و قيمت مال کان گھٽ ناهي. ٻنهن جو قدر ۽ قيمت جو اندازو موقع محل خرچ ڪرڻ ۽ سٺي نموني سان ٿئي سگھي ٿو.

بخيل مال کي قوت لايموت کان وڌيڪ خرچ نٿو ڪري. حقيقت ۾ ان جو مثال فقير وانگر آهي يا ان ماڻھو وانگر آهي، جنهن وٽ ڪوڙا پئسا هجن. اهڙي نموني سان جيڪو ماڻھو پنهنجو وقت پنهنجي پارٽي جي ڀلائي ۽ بهبود لاءِ خرچ نہ ڪر ان جي عمر هڪ ڪوڙي موڙي وانگر آهي.

اسان کي هڪ محدود زندگي مليل آهي. رات ڏينهن جو هڪ خاص نظم سان سلسلو جاري آهي ۽ هڪ جو ٻئي سان ٽڪراءَ ممڪن ناهي. پر زندگي ۾ ڪجھ حصن ۾ تقسيم آهي. ”ٻارائپ“، پوءِ ”جواني“ پوءِ ”ڪرڙوڊ عمر“ ۽ آخر ۾ ”ڪراڙپ“. هر حصو پنهنجو خاص عمل رکندو آهي، جيڪو زندگي جي ٻئي حصي ۾ مناسب ناهي. جيئن بي وقتي پوک نہ ٿيندي آهي، يا بي وقتي ۾ نامناسب آهي، تيئن زندگي بہ ڪجھ ڏينهن لاءِ آهي. جڏھن موت جو وقت آيو تہ پوءِ ان کان بچڻ مشڪل آهي. گذريل وقت وري موٽي ناهي ايندو. ٻاراڻو زمانو گذري ويو، هاڻي ڪاٿي ايندو؟ جواني ختم ٿئي تہ بهار هليو ويو. جڏھن تہ هي محدود شيءِ آهي ۽ ان ۾ گھٽتائپ ۽ واڌارو مشڪل آهي. ۽ ان جي قدر قيمت سهڻي استعمال تي رکيل آهي.

وقت جي حفاظت ۽ ان کان نفعو وٺڻ، هڪ طريقي کان سواءِ ممڪن ئي ناهي ۽ اهو هي آهي جو زندگي جو مقصد صرف پسنديده اخلاق هجن ۽ پوءِ ان جي لاءِ زندگي جي سڄي وقت کي خرچ ڪيو وڃي. انهيءَ لاءِ ضروري آهي تہ اسان ان جي پوري طرح حفاظت ڪريون ۽ ان کي بهتر کان بهتر طريقي تي استعمال ڪريون.



غلام مرتضيٰ شر/پڊعيدن

# اسلام آخري دين ڇو آهي؟

دنيا ۾ انساني وجود جي آغاز، ابتدا ۽ انساني معاشري جي قيام کان پوءِ انسانن ۽ ان جي پروردگار جي وچ ۾ تعلق جو وسيلو صرف اسلام ئي رهيو آهي. اسان اها ڳالھ چئي سگھون ٿا تہ قرآن ڪريم ۾ اها سڀ تعليمات موجود آهي، جيڪا پاڻ ﷺ جن کان اڳ ۾ آيل سيئي نبي سڳورا هن دنيا ۾ کڻي آيا هئا. عقيدن جي سمجهاڻي ۽ اصلاح ۽ قومن جي هدايت جي سلسلي ۾ جيڪا ڳالھ قرآن ڪريم چوي ٿو، اها ئي سيني لاءِ حق ۽ سچ آهي.

حضور اڪرم ﷺ جن جنهن اسلام جي تبليغ ڪئي آهي، اها وحي جي آخري شڪل آهي. اهڙي طرح ان جي حيثيت دنيا جي سيني انسانن لاءِ هڪجهڙي آهي، جيڪا دنيا جي سيني قومن ۽ قيامت تائين ايندڙ سيني نسلن کي هڪ ئي پڙَ ۾ جمع ڪري ٿي. حضور اڪرم ﷺ جن کان پهريائين جيڪي بہ نبي سڳورا هن دنيا ۾ آيا آهن، انهن جي نبوت صرف علائقائي ۽ ڪجھ عرصي لاءِ هئي، جڏهن تہ سندن نبوت عام ۽ دائمي يعني قيامت تائين آهي.

ان جو سبب هي آهي تہ اسلام انسانن کي عظيم وحي جي آخري هدايت ڏئي ان ڳالھ جو پورو پورو شعور ڏنو آهي تہ هو ان هدايت جي روشني ۾ پنهنجو رستو اختيار ڪندي سمجھ ۽ فيصلي جي صلاحيت کي استعمال ڪري صحيح ۽ عام ڀلائي واري سچائي کي سڃاڻي سگھي. يعني وحي واري زماني جو خاتمو عقل جي زماني جي شروعات آهي.

حضور اڪرم ﷺ جن عقيدي، عبادت، اخلاق ۽ ڪردار جي بنياد کي پڪو پختو ۽ مستحڪم ڪيو ۽ انسانن جي سيرت ۽ معاشرتي روايتن کي ڳنڍڻ وارين چٽين هدايتن کي سامهون رکيائون. اهي هدايتون اهڙيون آهن جن تي وقت ۽ حالتن جي تبديلي جو ڪو بہ اثر نٿو پوي. جڏهن تہ ٻيا معاملا ..... پوءِ اهي ڀلي ڪيترا ئي هجن .... انهن سيني کي انسان جي عقل تي ڇڏيو ويو آهي تہ هو جنهن کي چاهي جاري رکي يا جنهن کي چاهي ختم ڪري ڇڏي. علمن، فنن، دنياوي ڏيتي ليتي ۽ ڪمن ڪارين ۽ تهذيبي معاملن ۾ دين اندر عقل کي آزادي ڏني وئي آهي. انهن سيني شعبن ۾ اصولن جو مقرر هجڻ ۽ وسيلن جي استعمال ۾ آزادي جي موجودگي ۾ انساني عقل بغير ڪنهن رڪاوٽ جي پنهنجو ڪم صحيح طرح ڪري سگھي ٿو.

مثال طور شورائي نظام اندر سياسي ظلم ۽ ناانصافي ۽ فرد واحد جي پوڄا جي روڪٿام لاءِ لاڳاپيل معاملن ۾ قوم کي نگراني جو حق ڏيڻ جي سلسلي ۾ ديني اصول موجود آهن. انهن اصولن جي روشني ۾ عقل کي اهو حق حاصل آهي تہ مٿين مقصدن جي حاصلات لاءِ ڪھڙو بہ قانون جوڙي سگھي ٿو. ظلم ۽ جبر کي ختم ڪرائڻ لاءِ عدل ۽ انصاف هڪ ديني اصول آهي. هن اصول کي انتظامي، سماجي ۽ اقتصادي طور تي نافذ ڪرڻ جي لاءِ عقل کي اها آزادي حاصل آهي تہ هو انهيءَ لاءِ ڪھڙو بہ قانون ٺاهي، ڪھڙي بہ عدالت جوڙي سگھي ٿو.

ايمان جي حفاظت ۽ فتني فساد کي ڪچلڻ لاءِ جهاد هڪ ديني اصول آهي. خشڪي، پاڻي ۽ فضا ۾ جهاد جا لا محدود وسيلا آهن، تنهن ڪري انهن شعبن ۾ بہ ڪا نئين حڪمت

عملي جوڙڻ يا ايجاد جي معاملي ۾ بہ ڪا پابندي نہ آهي. ٻئي پاسي دين ۾ جيڪي بنيادي سزائون مقرر ڪيل آهن، تن ڪي ڇڏي ٻيءَ ڪابہ شيءِ نہ آهي ... ٽڪي، قمار، جعلسازي، وياج خوري، خيانت، ڪنهن جي مال تي زبردستي ڪرڻ، يتيم جو مال ناجائز کائڻ ۽ جنگ جي ميدان مان ڀڄڻ وغيره سان گڏ ڪيترن ئي ڏوهن جون سزائون عقلي فيصلن تي ڇڏيون ويون آهن.

وقت گذرڻ سان اهڙيون حالتون بہ ٿي سگهن ٿيون، جيڪي اڳين نبين سڳورن جي زماني ۾ پيش نہ آيون هيون. مان ڪي بي تڪيون يا ڪنهن ٻئي جهان جون ڳالهيون نہ پيو ڪريان، پر انساني سرگرمين جي ڳالهہ ڪري رهيو آهيان. انهن ۾ ڪي اهڙا معاملا بہ پيش اچي ويندا آهن جن ۾ حڪومت ڪي ڪي اهڙا قدم بہ کڻڻا پوندا آهن، جن جو اسلامي تاريخ ۾ ڪو مثال ئي موجود نہ هجي. اهڙا معاملا ايمان ۽ پرهيزگاري جي روح سان گڏ عقل جي روشني ۾ حل ڪرڻا پون ٿا.

ان ڳالهہ ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ الله تعاليٰ کي ڪابہ شيءِ ٻيو نبي موڪلڻ کان روڪي نٿي سگهي، پر جڏهن هدايت جو نظام مڪمل ٿي چڪو آهي تہ پوءِ ان کي ورجائڻ جو ڪهڙو فائدو ٿئي ها؟ ان لاءِ الله تعاليٰ قيامت تائين انسان ذات جي قيادت لاءِ حضرت محمد ﷺ تي نازل ڪيل ڪتاب ۽ ان جي سنت مبارڪ تي ڪفايت ڪئي. جيڪڏهن عالمن ۽ حڪمرانن، جيڪي اسلام جا وارث آهن، پنهنجو فرض ديانتداري سان سر انجام ڏنو هجي ها تہ اڄ ان سوال جي ضرورت ئي محسوس نہ ٿئي ها تہ صرف اسلام ئي آخري دين ڇو ٿيو.

هاڻي اها ڳالهہ پڌري ٿي چڪي آهي تہ امت مسلمہ پنهنجي سياسي ۽ ثقافتي اختلافن جي ڪري پنهنجي قيادت جي صلاحيت وڃائي چڪي آهي. انهيءَ صورت ۾ اها پوري دنيا جي قيادت ڪيئن ڪري سگهندي؟ ۽ دنيا جي قيادت جي تعلق جي حوالي سان اسلام جي ابدي صلاحيت جو نمونو ڪيئن پيش ڪري سگهندي؟ عقل وارا ان ڳالهہ جا انڪاري آهن تہ دنيا کي شروع واري دور ۾ پهچايو وڃي يا فڪر ۽ تهذيبي ڪوشش تي پابندي لڳائي وڃي. جيڪڏهن اسلام مدي خارج سوچ رکندڙ مسلڪ يا تهذيبي سڪوت جي نالو هجي ها تہ اسان ان کي ڪڏهن بہ قبول نہ ڪيون ها، پر اسلام تہ پنهنجي پوئلڳن ۽ مڃڻ وارن کي اڳتي وڌڻ جو حڪم ڏئي ٿو. اسلام جا سچا مفڪر اها ڳالهہ چون ٿا تہ جتي بہ انصاف ۽ رحم هوندو ۽ جتي فضيلت، آزادي ۽ عام مصلحت يا ڀائيچارو هوندو اتي پڪ سان الله تعاليٰ جي شريعت جو ئي نفاذ هوندو.

ڀلا انهن مقصدن کان سواءِ قيامت تائين اچڻ وارن ماڻهن کي ٻيو ڇا گهرجي؟

ڏينهن رات جي ڦير گهير ڪنهن شيءِ جي حقيقت کي بدلائي نٿا سگهن. جيڪڏهن وحدانيت صرف الله تعاليٰ جي ئي صفت آهي تہ پوءِ زمانو ڀلي ڪيترو بہ بدلجي وڃي، پر اها صفت بدلجي نٿي سگهي ۽ نہ ئي وري ختم ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن انسان جو پنهنجي پروردگار جي آڏار هجڻ حق آهي تہ پوءِ تهذيبي اڳڀرائي جو هرگز اهو مطلب نٿو ٿي سگهي تہ انسان الله تعاليٰ کان بي نياز ٿي وڃي ۽ نماز ۽ دعا جي ضرورت ئي نہ سمجهي. اها ئي شڪل اخلاق ۽ سڀني انساني لاڳاپن جي وچ ۾ بہ رهي آهي.

جڏهن اهل ڪتاب ان ڳالهہ جو گمان ڪيو تہ دين رڳو ڪجهہ رسمن ۽ وهمي عقيدن جو نالو آهي تہ انهن تي اها ڳالهہ واضح ڪئي وئي تہ ائين هر گز نہ آهي. دين تہ صرف الله تعاليٰ سان



رابطي، تعلق ۽ بهترين عمل جو نالو آهي:

وَقَالُوا لَنْ يَّدْخُلَ الْجَنَّةَ اِلَّا مَنْ كَانَ هُوْدًا اَوْ نَصٰرٰى ۭ تِلْكَ اَمَانِيُّهُمْ ۭ قُلْ هَاتُوْا بُرْهَانَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١١١﴾ بَلٰى ۤ مَنْ اَسْلَمَ وَجْهَهٗ لِلّٰهِ وَهُوَ مُحْسِنٌ فَلَهٗٓ اَجْرُهٗ عِنْدَ رَبِّهٖ ۠ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿١١٢﴾ ﴿البقرة: ١١٢-١١١﴾

”يهودي چون ٿا تہ جنت ۾ ڪوبہ ماڻهو نہ گهڙندو، جيستائين يهودي نہ ٿيندو. ساڳيءَ طرح عيسائي بہ چون ٿا تہ جنت ۾ ڪوبہ نہ ويندو جيستائين عيسائي نہ ٿيندو. (اي منهنجا پيغمبر) اهي هنن جون اجايون خواهشون ۽ اميدون آهن، تون کين چئو تہ جيڪڏهن اوهان جو خيال سچو آهي تہ اها دعويٰ دليلن سان ثابت ڪيو. (ائين ناهي تہ جنت فقط هڪ خاص گروهہ کي ملندي) پر جنهن بہ خدا جي اڳيان سر جهڪايو ۽ چڱايون ڪيائين تنهن کي پنهنجي پروردگار وٽان ضرور اجر ملندو. هن کي نڪو ڪو خوف رهندو ۽ نہ ڪا غمگيني.“

پوءِ اهي حقيقتون دين جي اهم ۽ آخري شڪل ڇو نہ هجن؟ الله رب العالمين پوري دنيا ۾ رهڻ وارن انسانن کي اها ڳالهہ چوي ٿو تہ منهنجي ڏسيل رستي تي هلو. جيڪو بہ ڪم توهان جي حوالي ڪيو وڃي، ان کي سهڻي نموني سر انجام ڏيو تہ توهان امن ۽ سلامتي کي ويجهو ٿي ويندؤ، ڏکن ۽ تڪليفن کان ڇوٽڪارو ملي ويندوَ ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ماڻي وٺندؤ.

سڀ ڪجهہ چئو ٿي وڃڻ کان پوءِ ٻي ڪهڙي شيءِ جي ڪمي رهجي وئي آهي؟ جيڪڏهن حضور اڪرم ﷺ کان پوءِ ٻيو ڪو نبي اچي ها تہ اهو آخر ٻي ڪهڙي نئين ڳالهہ کڻي اچي ها؟ اسلام ۾ تفصيلي هدايتن سان گڏوگڏ ڪجهہ جزوي هدايتون بہ آهن، بلڪل ائين جيئن ڪنهن وڻ جي ٽڙ سان گڏ ان جون ٽاريون هونديون آهن. انهن جزوي هدايتن کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. هتي ٻن اهم ڳالهين جي طرف توجهہ ڏيارڻ ضروري آهي: سڀ کان پهرين ڳالهہ اها آهي تہ مسلمانن جي فڪر، سوچ ۽ خيالن ۾ ڪجهہ بدعتون ۽ ڪمزوريون اچي ويون آهن، جنهن سان الله تعاليٰ جي دين جو ڪوبہ لاڳاپو نہ آهي. جڏهن تہ اهي ڳالهيون مسلمانن جي عملي زندگي ۾ سچي دين جي اهڃاڻن کان بہ وڌيڪ اهميت حاصل ڪري چڪيون آهن. اسلام جي مفاد ۾ صرف اها ئي ڳالهہ آهي تہ انهن سڀني بدعتن کي ختم ڪيو وڃي. ٻي ڳالهہ اها آهي تہ اسلام جي شعبن جي ترتيب بدلجي وئي آهي. يعني ابتي سبتي ٿي وئي آهي. جيڪي بنيادي رڪن آهن، اهي اضافي شيون ٿي ويون آهن ۽ اضافي شيون بنيادي رڪن بڻجي ويا آهن.

اهڙي طرح ڳجهين شين کي عقلي معاملن تائين پڪيڙيو ويو آهي ۽ حلال حرام جي حڪمن ۾، بعد ۾ اسلام قبول ڪرڻ وارن ڪجهہ قومن جون ريتون رسمون داخل ٿي ويون آهن.

اهڙي طرح اها ڳالهہ سيئي ڄاڻن ٿا تہ شرعي حڪم الله تعاليٰ جي خطاب جو نالو آهي، جنهن جو تعلق مڪلف ماڻهن جي ڪمن سان آهي ۽ جتي بہ اهو خطاب نہ هوندو اتي ڪو بہ حڪم ۽ حاڪميت نہ هوندي.

اسلام اهو دين آهي، جيڪو هميشہ قائم رهندو. جنهن کي الله تعاليٰ قيامت تائين پنهنجي ٻندن جي لاءِ پسند فرمايو آهي ۽ انسانذات جو مفادبہ صرف ان ڳالهہ ۾ ئي آهي تہ ان رسيءَ کي مضبوطيءَ سان پڪڙي رکن. (علامہ محمد غزالي جي ڪتاب ”اسلام کے بارے میں ۱۰۰ سوال“ تان ورتل)

# دولت ۽ سرمائي بابت قرآن جو قانون

مال ملڪيت ۽ هر قسم جي خزانن بابت قرآن پاڪ هڪ چٽو ۽ تمام ئي اهم قانون بيان فرمايو آهي:

﴿وَلِلّٰهِ خَزَآئِنُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ﴾ (المنافقون: ۷)

” آسمانن ۽ زمين جا سڀ خزانا الله جا آهن“

ٻي جڳهه تي فرمايو ويو:

﴿لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ﴾ (البقرة: ۲۸۴)

” آسمان ۽ زمين ۾ جيڪو ڪجهه آهي سو سڀ الله جو آهي.“

انهيءَ مان معلوم ٿيو ته سڄي ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ الله تعاليٰ آهي ۽ زمين جي اندر لڪيل سڀني خزانن جو مالڪ به اهو ئي آهي. هن انسان کي زمين تي پنهنجو نائب ۽ خليفو ڪري موڪليو آهي. ان ڪري انسان ان ڳالهه جو پابند آهي ته هو پنهنجا سيئي معاملا الله تعاليٰ جي مرضيءَ موجب نبيري. ائين الله تعاليٰ هڪ انسان کي جيڪو مال ملڪيت ڏئي ٿو سو خليفي جي حيثيت ۾ بطور امانت ڏئي ٿو. تنهن ڪري هو دنيا جي اندر پنهنجي قبضي ۾ آيل مال دولت کي انهن ئي قانون مطابق خرچ ڪري سگهي ٿو، جيڪي الله تعاليٰ مقرر فرمايا آهن. جيئن فرمايو ويو:

﴿وَاَنْفِقُوْا مِمَّا جَعَلَكُمْ مُّسْتَخْلَفِيْنَ فِيْهِ﴾ (الحديد: ۷)

” ۽ جن شين جو اوهان کي وارث ڪيو اٿس تن مان (خدا جي راهه ۾) خرچ ڪيو.“

مطلب ته الله تعاليٰ جيڪو توهان کي مال ڏنو آهي ان جو حقيقي مالڪ الله تعاليٰ جي ذات پاڪ آهي. انسان رڳو ان جو امين آهي. جتي خرچ ڪرڻ لاءِ هو حڪم ڪندو، ڪيس امين جي حيثيت ۾، سندس مرضي مطابق، اتي ئي خرچ ڪرڻو پوندو. انسان جنهن مال ملڪيت جو وارث آهي، سو هن کان اڳ ڪنهن ٻئي جي هٿن ۾ هو ۽ هڪ وقت اهڙو به ايندو جو انهيءَ جو وارث ڪو ٻيو اچي ٿيندو. انهيءَ مان معلوم ٿيو ته مال ملڪيت تي انسان جي ڪا به ذاتي حقداري نه آهي، پر اها رڳو الله تعاليٰ طرفان ڏنل امانت آهي ۽ انهيءَ کي خرچ ڪرڻ بابت هن جي مٿان ڪي ذميواريون وڌيون ويون آهن ته هو ڪيئن انهيءَ کي خرچ ڪري. هاڻي جيڪڏهن ڪو انسان انهيءَ نائبيءَ جي فرض کي صحيح طرح نٿو نڀائي ته الله تعاليٰ کي اهو اختيار آهي ته جڏهن گهري ڪائنس اهو منصب واپس وٺي. جيئن فرمايو ويو:

﴿وَلِلّٰهِ مِيْرَاثُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ﴾ (الحديد: ۱۰)

” آسمانن ۽ زمين جي ميراث سڀ فقط الله جي آهي“

اهو عام مشاهدو آهي ته مال ملڪيت انسان وٽ هميشه نٿي رهي. ڪڏهن ته سندس حياتيءَ ۾ ئي ٻين ڏانهن هلي وڃي ٿي، پر جيڪڏهن ائين نه به ٿئي ته مرڻ کان پوءِ ته پڪ سان ٻين جي ٿي وڃي ٿي. وري جڏهن سمورا انسان مري کپي ويندا ته پوءِ اها انسان ذات مان ڪنهن هڪ جي به نه رهندي.



مٿين آيت ۾ الله تعاليٰ هر شيءِ کي پنهنجي ميراث ڄاڻايو آهي. ميراث ان ملڪيت کي چيو ويندو آهي، جيڪا اڳين مالڪ جي مرڻ کان پوءِ سندس پٺيان جيئرن وارثن کي ملندي آهي، پوءِ ڀلي انهيءَ وراثت تي مري ويل مالڪ راضي هجي يا نه. هتي ميراث لفظ آڻڻ جي حڪمت هيءَ آهي ته انسان جي دل گهري يا نه، پر جنهن ملڪيت جو هن وقت هو مالڪ بڻيو ويٺو آهي، سا سموري ئي هڪ ڏينهن الله تعاليٰ جي ملڪيت ۾ اچي ويندي. مطلب اهو آهي ته انهيءَ ملڪيت جو مالڪ ته اصلئون الله تعاليٰ جي ذات ئي آهي، پر هن مهرباني ڪري انسان کي عارضي طور نيابت جي طور تي مالڪ بڻايو، وري هڪ ڏينهن اهڙو به ايندو جو سندس اها ظاهري نيابت به ختم ٿي ويندي ۽ پوءِ وري به ان تي مالڪي هر طرح سان الله تعاليٰ جي ئي رهجي ويندي.

قرآن ڪريم ۾ ڪيترين ئي جاين تي مال جي محبت کان منع ڪندي، معاشري جي ڪمزور انسانن ۾ خرچ ڪرڻ جي ترغيب ڏني وئي آهي. زڪوات، صدقي ۽ ميراث جي ورهاست جا قانون پيش ڪري، هڪ مستقل انتظام ڪيو ويو آهي ته جيئن دولت چند ماڻهن جي هٿن ۾ رڪجي نه وڃي پر ان جي گردش سڄي مسلم معاشري ۾ ٿيندي رهي. انهيءَ ڪري ارشاد ٿيو:

﴿مَآ اَفَآءَ اللّٰهُ عَلٰى رَسُوْلِهٖ مِنْ اَهْلِ الْقُرٰى فَلِلّٰهِ وَلِلرَّسُوْلِ وَلِذِى الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَابْنِ السَّبِيْلِ كَىْ لَا يَكُوْنَ دُوْلَةً بَيْنَ الْاَغْنِيَآءِ مِنْكُمْ﴾ (الحشر: ۷)

” ڳوٺاڻن (جي مالن) مان جيڪي الله پنهنجي پيغمبر جي هٿ ۾ ڏنو سو خاص الله لاءِ ۽ پيغمبر لاءِ ۽ (پيغمبر جي) مائٽن لاءِ ۽ يتيمن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن لاءِ آهي (اهو هن لاءِ بيان ڪيو ويو) ته اُهو (مال رڳو) اوهان مان دنيادارن جي درميان ڏيڻ وٺڻ ۾ نه رهي.“

زمين تي موجود مال دولت ۽ خزانن جو حقيقي مالڪ رڳو الله تعاليٰ جي ذات پاڪ آهي. تنهن ڪري ڪيس اهو حق حاصل آهي ته دولت جي ورهاست ۽ سرمائي جي گردش جو مستقل اصول به مقرر فرمائي. اهو ئي جهانن جو پالڻهار آهي، انهيءَ ڪري سندس ربوبيت ان ڳالهه جي گهرجائو آهي ته هو سڄي مخلوق کي روزي پهچائي ۽ انهن جي پورائي لاءِ جوڳو انتظام فرمائي. تنهن ڪري الله تعاليٰ زمين جي اهڙن خزانن جو انتظام پاڻ وٽ ئي رکيو اهي، جيڪي انسان جون فطري ضرورتون آهن. هوا، پاڻي، اُس، سج جي گرمي، مينهن وغيره ان ۾ اچي وڃن ٿا. اهي اهڙيون ضرورتون آهن، جن جو هرڪو انسان محتاج آهي ۽ انهن کان سواءِ سندس زندگي جو قائم رهڻ خطري ۾ پئجي وڃي ٿو. انهيءَ ڪري اهڙين شين جي ورهاست جو انتظام الله تعاليٰ پاڻ وٽ رکيو ته جيئن هر قسم ۽ هر علائقي جا ماڻهو، پوءِ ڀلي اهي ڪمزور هجن يا طاقتور، پهچ وارا هجن توڙي بي پهچ، سيئي هڪ جهڙو فائدو حاصل ڪري سگهن. اهڙين شين کي الله تعاليٰ پنهنجي ڪامل حڪمت تحت انساني قبضي کان محفوظ ڪيو آهي ۽ ڪنهن جي همت نه آهي جو انهن شين تي قبضو ڪري سگهي.

ضرورت وارين شين جو ٻيو قسم زمين مان نڪرندڙ پاڻي ۽ ڪاڌي پيتي جون شيون آهن. اهِي شيون جيتوڻيڪ جهجهي مقدار ۾ نه آهن، پر ان هوندي به جبلن، غير آباد ٻيلن ۽ قدرتي چشمن کي عام پلائي لاءِ مخصوص ڪري، هڪ خاص قانون هيٺ انسانن کي زمين جي ڪجهه

حصن تي، ان مان نفعي حاصل ڪرڻ جو جائز حق بہ ڏنو ويو آهي. پر ان ۾ بہ شرط هيءُ آهي تہ ڪو بہ انسان خدائي قانونن جي لتاڙ ڪندي ٻين جي استحصال جو ذريعو هرگز نہ بڻجي ۽ نہ وري دولت جا انبار ڪٺا ڪري. پر جيڪڏهن ائين ڪندو تہ پوءِ اولي الامر جو فرض آهي تہ نفعي وٺڻ لاءِ جيڪو ڪيس عارضي حق ڏنو ويو آهي سو واپس وٺي ڇڏي.

زمين مان حاصل ٿيڻ واري دولت جو ٽيون قسم ڪاڻيون آهن. انهن مان حاصل ٿيندڙ شين ۾ سون ۽ چاندي اهڙيون شيون آهن، جن کي حاصل ڪرڻ لاءِ انسان پنهنجي پوري توانائي خرچ ڪري ٿو. اهي شيون جيتوڻيڪ انسان جون فطري ضرورتون نہ آهن، پر الله تعاليٰ انهن کي پنهنجي ڪامل حڪمت هيٺ انساني ضرورتن جي پورائي جو هڪ وسيلو ٺاهي ڇڏيو آهي. انهن ڪاڻن مان نڪرندڙ سڀ شيون رعيت ۽ عوام جي گڏيل ملڪيت آهن.

هن قسم جي دولت جيڪڏهن عدل ۽ انصاف سان ورهائي وڃي تہ سڄي زمين تي جيڪر ڪو بہ انسان بکئي پيٽ يا لڱين اگهاڙو نہ رهي. پر انسان جي اندر موجود مال جي محبت ڪيس ڪنجوسيءَ تي اپاري ٿي ۽ هو گهري ٿو تہ وٽس گهٽي ڪان گهٽي دولت گڏ ٿئي ۽ رڳو پاڻ ئي انهيءَ مان فائدو وٺندو رهي. انهيءَ جي نتيجي ۾ سرمايہ پرستي ۽ مال ميڙڻ جا نت نوان طريقا وجود ۾ اچي چڪا آهن ۽ دولت رڳو ڪن ڳڻپ جيترن ماڻهن جي هٿن ۾ ئي گردش ڪرڻ لڳي آهي.

انساني تاريخ جي هر دؤر ۽ هر زماني ۾ ٻہ تهذيبون رهيون آهن. انهن مان هڪ اخلاقي، جڏهن تہ ٻي نج مادي تهذيب آهي. اخلاقي تهذيب هميشہ اسلام ئي رهي آهي. اسلام کي ڇڏي ڪري باقي ٻي هر تحريڪ مادي بنيادن تي رهي آهي.

مادي تهذيب موجب ماڻهو ڌن دولت ڪمائڻ جي معاملي ۾ آزاد آهي. جيئن وڻيس، جائز توڙي ناجائز طريقي سان، ڪمائي ۽ جتي وڻيس خرچ ڪري. ان لاءِ مٿس ڪا بہ روحاني يا اخلاقي پابندي ناهي. انهيءَ موجب انسان لاءِ ضروري آهي تہ مال ڪمائڻ لاءِ وڏي پئماني تي ڪوشش ڪري ۽ پنهنجي سڄي ڪوشش ان کي وڌائڻ تي خرچ ڪري. هن تهذيب ۾ مال ميڙڻ ئي زندگيءَ جو مقصد آهي.

ان جي مقابلي ۾ اسلام اندر زندگيءَ جو مقصد مال ميڙڻ نہ آهي، پر اهو زندگيءَ جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ جو هڪڙو ذريعو آهي. انهيءَ ڪري ئي مال کي ”قياما للناس“ سڏيو ويو آهي يعني هيءُ معيشت جي ترقي جو سامان آهي جنهن ۾ توازن رکڻ لاءِ اولي الامر يا رياست ذميوار آهي.

اسلامي تهذيب ۾ مال کي محتاجن ۽ لاچارن ۾ خرچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. ان کي پاڻ وٽ گڏ ڪري رکڻ کان نہ رڳو منع ڪئي وئي آهي پر اهڙي روش تي تنبيهہ پڻ ڪئي وئي آهي:

وَيۡلٌ لِّكُلِّ هُمَزَةٍ لُّمَزَةِۣ ﴿١﴾ الَّذِىۡ جَمَعَ مَالًا وَّعَدَّدَهٗ ﴿٢﴾ ﴿الهمزة: ١-٢﴾

”(اُنهيءَ) سيڪنهن گلا ڪندڙ عيب ڳوليندڙ لاءِ خرابي آهي. جنهن مال گڏ ڪيو ۽ اُهو ڳڻي ڳڻي رکيائين“



ٻئي پاسي قرآن پاڪ ۽ حديثن ۾ فرض زڪوات کان سواءِ، ڪيترين ئي جاين تي، صدقي ۽ خيرات جي صورت ۾ خرچ ڪرڻ جو نہ رڳو حڪم ڏنو ويو آهي، پر جي وڏي فضيلت پڻ ٻڌائي وئي آهي. فرمايوويو:

لَنۡ تَنَالُوا الۡبِرَّ حَتّٰى تُنۡفِقُوۡا مِمَّا تُحِبُّوۡنَ ﴿آل عمران: ٩٢﴾

”توهان نيڪيءَ جي درجي کي ڪڏهن بہ پهچي نٿا سگهو، جيستائين توهان (خدا جي راهہ ۾) خرچ نہ ڪيو ان مان جنهن سان توهان کي محبت آهي.“

انهيءَ آيت مان معلوم ٿئي ٿو تہ انسان ايمان جي اعليٰ درجي تي تيستائين نٿو پهچي سگهي جيستائين هو پنهنجي دل مان مال دولت جي محبت کي ڪڍي، ان جي جاءِ تي الله تعاليٰ جي حب رکي، ان جي رضا لاءِ معاشري جي ٻي پهچ ۽ ضرورتمندن ۾ خرچ نہ ڪري.

قرآن جتي اضافي مال کي مسڪين ۽ محتاجن تي خرچ ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو، اتي انسان جي بنيادي ضرورتن کي بہ نظر انداز نٿو ڪري. اهو ئي سبب آهي جو خرچ ڪرڻ جي معاملي ۾ بہ اهو ئي فرمايو ويو تہ جيڪو ڪجهہ توهان جي ذاتي ضرورتن کان وڌيڪ هجي سو الله تعاليٰ جي راهہ ۾ خرچ ڪريو:

وَيَسۡـَٔلُوۡنَكَ مَاذَا يُنۡفِقُوۡنَ ؕ قُلِ الۡعَفۡوَ ؕ ﴿البقرة: ٢١٩﴾

” ۽ توکان پڇن ٿا تہ الله جي راهہ ۾ ڇا خرچ ڪيون؟. انهن کي چئو تہ جيڪي توهان جي ضرورتن کان وڌيڪ هجي سو خرچ ڪيو.“

پر جيڪڏهن ڪو پنهنجي بنيادي ضرورتن جي باوجود بہ الله تعاليٰ جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻئي ڪنهن لاچار ۽ ضرورتمند جي مددگاري ڪري ٿو تہ الله اهڙن انسانن کي نفس جي شامت کان بچي ويل ٻڌائي ٿو:

وَيُؤۡثِرُوۡنَ عَلٰٓى اَنۡفُسِهِمۡ وَلَوۡ كَانَ بِهِمۡ خَصَاصَةٌ ۛؕ وَمَنۡ يُّوۡقَ شُحَّ نَفۡسِهٖ فَاُولٰٓـئِكَ هُمُ الۡمُفۡلِحُوۡنَ ۚ‏ ﴿٩﴾
﴿الحشر: ٩﴾

”۽ (ٻين کي) پاڻ تي ترجيح ڏيندا آهن، توڻيڪ کين کو احتياج بہ هوندو آهي ۽ جن کي سندن نفس جي حرص کان بچايو ويو سي ئي ڇٽڻ وارا آهن“

هن سڄي بيان جو مقصد هيءُ آهي تہ الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ ڪيترين ئي جاين تي مال خرچ ڪرڻ ۽ ان جي ورهاست جو طريقو ٻڌائيندي، زڪوات، صدقا، غنيمت، فيءِ ۽ ميراث مستحق ماڻهن انصاف سان ۾ ورهائڻ جو حڪم ڏنو آهي. انهيءَ حڪم جو اصل مقصد صرف ۽ صرف اهو آهي تہ مال دولت کي انصاف ۽ انساني برابري جي بنياد تي سڀني ضرورت مندن تائين پهچايو وڃي ۽ ان ڳالهہ جو خاتمو آندو وڃي تہ مال دولت ۽ سيئي معاشي فائدا رڳو اميرن ۽ پئسي وارن وٽ گڏ ٿيا پيا هجن ۽ معاشري جا ٻئي ماڻهو انهيءَ کان محروم رهن. سچ هيءُ آهي تہ قرآن ڪريم دولت جي ورهاست ۽ سرمائي جي گردش جا اهڙا تہ سهڻا اصول ٻڌايا آهن جنهن تائين وڏا وڏا اقتصادي ۽ معاشي ماهر اڃا توڻي پهچي ئي نہ سگهيا آهن. اهي اصول قيامت تائين اچڻ وارن انسانن لاءِ امن، سلامتي ۽ معاشي ترقي جا بنياد آهن جن تي انساني تهذيب ۽ تمدن جي مضبوط ۽ خوبصورت عمارت اڏي سگهجي ٿي.